ماهوار

پيغام

ڪراچي



نه مان مريد نه مان پير،
ساري فقر جو فقير،
نه مان حاڪم نه مان ظالم،
آهيان امن جو اميـر.

وزيراعظم پاڪستان جناب محمد خان جوڻيجو، سيوهڻ آديتو ريم ۽ نامور فنڪار علڻ فقير کي سال ۱۹۸۷ جو شهباز ايوارڊ ڏيئي رهيو آهي، ان موقعي تي سنڌ جو وڏو وزير پڻ نظر اچي رهيو آهي.

سنڌ جو گورنر جناب اشرف تاباني، نوابشاه ميڊيڪل ڪاليج جي سکيا واري اسپتال جي زير تعمير بلاڪ جو معائنو ڪري رهيو آهي.

سنڌ جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه گورنمنٽ هاءِ اسڪول محراب پور تعلقي سڪرنڊ جي پيڙهه جو پٿر لڳائي رهيو آهي.

ماهوار
پيغام
ڪراچي

إِنَّ هٰذِهٖٓ أُمَّتُكُمْ أُمَّةً وَّاحِدَةً

هيءَ اُمت اوهان جي هيڪڙي

جلد ۱۱ ، شمارو ۱۱ رمضان المبارڪ ۱۴۰۷ھ/مئي ۱۹۸۷ع

تگران
شاهجهان سيّد ڪريم
(سيڪريٽري اطلاعات ۽ سياحت، حڪومت سنڌ)

ايڊيٽر
سيّد صفدر علي شاهه
(ڊائريڪٽر اطلاعات پبليڪيشنس)

مددگار
آفتاب ابڙو

سينگاريندڙ
سلطان احمد جيلاني

ڪيليگرافي
محمد اقبال

قيمت ——— في پرچو ۾ رپيا
سالياڻو ——— ۱۸ رپيا

چپائيندڙ
شعبه مطبوعات محڪمه تعلقات عام حڪومت سنڌ
سنڌ سينٽر، اسٽريچن روڊ ڪراچي نمبر ۱
ٽيليفون: ۵۱۴۹۲۹

حفيظ احمد افريشيا پريس ناظم آباد ڪراچيءَ ۾ چپيو ۽ سيّد صفدر علي شاهه ڊائريڪٽر اطلاعات (پبليڪيشنس) سنڌ سينٽر اسٽريچن روڈ ڪراچي - ۱ ، شايع ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

مئي 1987

ستاءُ

گالهه پولهه ——— ايڊيٽر ——— ٣

حمد ۽ نعت

غلام مصطفيٰ مشتاق ۽ عزيز الله عزيز بروهي ——— ٤

وڏي وزير سيد غوث علي شاهه جي تقرير ——— ٥

سچل جي ڪلام ۾ شاهه وارا مضمون ——— ڪلياڻ آڏواڻي ——— ٨

سچل سائين جا سوانح نگار ——— خورشيد احمد علوي ——— ١٣

سچل سرمست جي عظمت ——— شيخ ايار ——— ١٦

سچل سرمست جا محاورا ——— سيد اظهر گيلاني ——— ١٨

سچل سرمست جي زندگي هڪ نظر ۾ ——— عبدالرسول قادري بلوچ ——— ٢١

سچل ۽ علامتي اظهار ——— رشيد پٽي ——— ٢٢

گدا نامو ——— ترجمو: ڊاڪٽر عطا محمد حامي ——— ٢٧

وحدت الوجود - قسط ٥ ——— حافظ ارشد انديڙ ——— ٣٦

ڪهاڻيون

منهنجو ڪهڙو ڏوهه ——— رضيه ناصر قادري ——— ٤٤

پلاند ——— مولا بخش چنڊ ——— ٤٥

اڻ پڙهيل ——— اقبال احمد ڪوريجو ——— ٤٧

ويتون ——— حفيظان ابڙو ——— ٤٩

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

بسم الله الرحمٰن الرحيم

گالهه ٻولهه

سچل سائين

حضرت سچل سرمست سنڌ جو قادر الڪلام ۽ بيمارگو شاعر آهي جنهن سخن جي سڀني صنفن تي دل ڪولي طبع آزمائي ڪئي آهي. سچل سائين جي ڪلام ۾ خودي به آهي ته خودداري پڻ، توحيد جو پرچار به آهي ته اناالحق جو اظهار پڻ، مجازي مام به آهي حقيقت جو هار پڻ، تصوف جي ترانائي به آهي همه اوست جي للڪار پڻ، ڪثرت جو قصو به آهي وحدت جو واپار پڻ، حقيقي عشق جو رنگ به آهي حضرت حسن جو هيڪار پڻ، ڪجهه جون گالهيون به آهن محبت جا پيغام پڻ، سڪ جون سوغاتون به آهن رنج ۽ آلام پڻ، آدم جي عزت به آهي ته انساني عظمت پڻ، ذڪر عبادت به آهي فڪر رياضت پڻ، سوز به آهي ساز پڻ، عجز به آهي نياز پڻ، انا جو آواز به آهي گداز پڻ، فنا جو فلسفو به آهي بقا جو اعجاز پڻ، ڪلام وٺندڙ به آهي سليس پڻ، ڪلام ۾ ندرت به آهي جدت پڻ، پڪا به آهن معاورا پڻ، چوٽيون به آهن رجحون پڻ، مطلب ته سچل جي ڪلام ۾ اهلِ دل جي موج ۽ معنويت لاءِ سوز ۽ گداز جو سامان موجود آهي. سچل سائين جو ڪلام شاعرانه شوخين، ورن ۽ ڪترن، اشارن ڪنايا ۽ ڪان پري سنئون سڌو آهي. جيڪو پڙهڻ يا ٻڌڻ سان هڪدم ذهن نشين ٿئي ٿو ۽ هر ماڻهو ائين محسوس ڪندو ته جڙ سچل سائين سندس دل جي ترجماني ڪئي آهي.

چوندا آهن ته "ڇوڙ ۽ ڪرڙ هم وڏو فرق آهي" پر سچل وٽ اهو رڪ رڪاءُ نه آهي جيڪي دل ۾ اهو زبان تي. مشهور آهي ته "نانڪ شاهي ڪديءَ ڦهڪائي" تنهن ڪري هن منصور وانگر جيڪي ڏٺو اهو شعر جي صورت ۾ عوام آڏو رکيائين. منصور اناالحق جو نعرو ته هن بلند ڪيو هو جڏهن هو حق جي بلندي تي رسيو هو ۽ اهڙي ريت سچل جو ساڻيو ڪردار ۽ ساڻيو اظهار آهي تنهن ڪري سچ جا سودا گر سچل کي "منصور ثاني" سڏيندا آهن ۽ هن سرِ ميدان سچ چئي حق ۽ سچ جي ساک هن ريت سلامت رکي آهي :-

سچ تا مرد چون ڪنهن کي وٽي نه وٽي،
ڪوڙي دوستي جو دم ٻٽي نه ٻٽي.

سچل سائين لاءِ مشهور آهي ته هن پنهنجو ڪلام ڪيف ۽ مستي، وجد ۽ بي خودي جي عالم ۾ چيو آهي جنهن ڪري ڪاتب وقت جا منتظر هوندا هئا ۽ پلٽ ۽ تيزي سبب سندس ڪجهه ڪلام قلمبند نه ٿي سگهيو آهي جنهن جو اهو به هڪ دليل آهي ته سچل جي ڪيتري ڪلام ۾ سندس تخلص ڪونهي.

سچل سرمست چئن ٻولين سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ۾ ڪلام چيو آهي. سندس ڪلام جي اها خاص خوبي آهي ته هر ٻولي جو ڪلام انهيءَ ٻولي جي

بقايا صفحي ٢٦ تي

حمد ۽ نعت

غلام مصطفيٰ "مشتاق"

حمد پاڪ

لطف و ڪرم اسان تي ڪر توڻ شتاب سائين،
تنهنجي عنايتن جو ناهي جواب سائين.

قالو بليٰ جو واعدو آهي اسان وساريو،
هيٺو آ حال پنهنجو، ڪهڙو حساب سائين.

تيندس تباهه هڪدم، ويندا ڪري به جيرا،
ڪليو نه رحمتن جو گر ڪوئي باب سائين.

راضي رهين جي هردم، جنت جي ناهه پرواه،
تنهنجو رسامو مون لئه آهي عذاب سائين.

تنهنجي ئي آسري تي سارو جهان هليو ٿو،
جوين ملي ڪندن ڪي، آسري گلاب سائين.

"مشتاق" تنهنجي در تي آيو سوالي بڻجي،
مظلوم جي اکين ۾ هردم ڇو آب سائين.

عزيزالله "عزيز" بروهي

نعت رسول

مدينو جا ديوار و در ڇا ڇوان
ڇڙ منڌي جو مان گهر ڇا ڇوان

ادب ڪان فرشتا جهڪي ٿا پون
مان توقير خير البشر ڇا ڇوان

عطا، جود، بخشش، ڪرم ۽ سخا
اهو عجز وارو ثمر ڇا ڇوان

اتي نقش پا آ وڃن لڳ جتي
سڙيا ٿي فرشتن جا پر ڇا ڇوان

جتي رات هر هڪ ٿي روشن رهي
اتان جو سحر آ سحر ڇا ڇوان

گنهگار جي حيثيت آهي ڇا!
جتي محو اهل نظر ڇا ڇوان

زباني ڏني حق جي هر شجر
هو اعجاز شق القمر ڇا ڇوان

ديار نبي جي آ بياري فضا
وڃن لاه آ چشم تر ڇا ڇوان

هئي رات معراج واري "عزيز"
محبت جو اهڙو سفر ڇا ڇوان



سنڌ جي وڏي وزير
سيّد غوث علي شاهه جي تقرير

[سنڌ اسمبلي جي اونهاري واري اجلاس ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي کيل تقرير جو متن پيش ڪجي ٿو - ادارو]

جناب اسپيڪر صاحب !

هن ايوان ۾ هن کان اڳ ڪافي معاملا بحث هيٺ آيا، پر جڏهن امن امان جي ڳالهه سامهون آئي تہ اسان کي شاڊ ڪيو ويو آهي تہ جيئن به ميمبر ان ۾ حصو وٺڻ چاهين تہ اهي وٺن ۽ واقعن جي نشاندهي ڪن ۽ حالتن کي سڌارڻ لاءِ مفيد مشورا ۽ تجويزون ڏين. امن امان جي صورتحال تي ڳالهائڻ کان اڳ بہ ڇو ڳالهين جو خيال رکڻ، منهنجي خيال ۾ تمام ضروري آهي : سب کان پهرين اهو ڏسڻو ڇو تہ مارشل لا جي دور ۾ امن امان جي صورتحال کي هڪڙي هٿي ۽ مارشل لا کي ڪنٽرول ڪان فوراً پوءِ کي هڪڙي هٿي ۽ هاڻي اسان ان کي ڪيترو بهتر ڪيو آهي.

هن معزز ايوان جا ميمبر، انهن تنهين دورن جو جائزو ورتندا تہ ان نتيجي تي پهچندا تہ حالتون هاڻي بهترين آهن ۽ اها بهتري اسانجي ڪوشش جو نتيجو آهي ۽ پر مان ايئن نہ چوندس تہ حالتون ايترين بهترين آهن ۽ جو ان ۾ ڪنهن ڪوشش جي ضرورت نہ آهي.

مختلف هنڌن تي واقعا تي رهيا آهن ۽ ۽ اسان پنهنجي طرفان پوري پوري ڪوشش ڪري رهيا آهيون تہ انهن واقعن تي مڪمل قابو آڻي سگهجي. ان سلسلي ۾ مان ايترو چوڻ چاهيندس تہ گذريل گذ جاڻي ۾ ، جڏهن اسان امن امان جي صورتحال تي بحث ڪيو هيو ۽ جڏهن اڄ ڪيو آهي تہ توهان ڏسندا تہ اڳ کان حالتون هاڻي بهتر آهن. پر ان ۾ بهتري جي ايمان بہ گنجائش آهي. اسان جي معزز ميمبرن جيڪي تجويزون ڏنيون آهن ۽ جيڪا نشاندهي انهن ڪئي آهي، اسان پوري پوري ڪوشش ڪنداسين تہ حالتون بهترين. اسان سمجهون تا تہ حالتن کي سڌارڻ، اسانجو اولين فرض آهي. پر ان سلسلي ۾ ، هن حڪومت جون بہ ڪي ڳالهيون، جن جو ذڪر ڪرڻ، پنهنجو فرض سمجهان تو، تہ هن صوبي کي جڏهن بہ ڏٺو ويو تہ بين صوبن جي حوالي سان ڏٺو ويو. اوهان محسوس ڪندا تہ هي صوبو بلڪل مختلف نوعيت جو آهي. هي اهڙو صوبو آهي ، جنهن ۾ هر صوبي جا ماڻهو رهن تا، جڏهن تہ بين صوبن ۾ ايئن نہ آهي. بلوچستان، سرحد، پنجاب ۾ ، جيڪڏهن اوهان ڏسندا تہ اڪثر آبادي جي سيڪڙي جي لحاظ کان ، سنڌ جا ماڻهو اتي نٿا رهن ، جيترا انهن صوبن جا ماڻهو هتي رهن تا. انهيءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي ؟ ان سلسلي

ھر مون جيڪو انداز و لڳايو آھي، تہ انجو ڪارڻ روزگار آھي. روزگار جي تلاش آھي، ھي ھڪ ملڪ آھي، ۽ ھر ماڻھو کي ڪنھن بہ صوبي ۾ رھڻ جو حق آھي. پر آئين ۾ ھڪ فقرو ڄاڻايل آھي تہ قانون جي لاڳو ڪيل حد بندين موجب کو بہ شھري پنھنجي رھڻ لاءِ جاءِ چونڊي سگھي ٿو."

ان فقري کي نظر ۾ رکندي اھا ڪوشش ڪري رھيو آھيان، جو تہ اسان جي ھميشہ اھا ڪوشش رھي آھي تہ قانون جو مان متاھون رھي ۽ انھيءَ حد تائين اندر اسان اھڙو طريقہ ڪار اختيار ڪيون، جنھن ۾ پاڪستان ۾ رھندڙ، پنھنجن پنھنجن علائقن ۾ روزگار حاصل ڪري سگھن. جيڪڏھن سرحد جي ماڻھن کي روزگار سرحد ۾ ملي وڃي تہ ھو ھتي نہ ايندو. اھڙي طرح پنجاب يا بلوچستان جي ماڻھوءَ کي اتي روزگار ملي وڃي تہ ھو ھتي ھرگز نہ ايندو. ۽ مختلف ڪلچر ۽ مختلف قسم جا ماڻھو جتي رھندا، اتي اھي تضاد تيندا، پر ان جي باوجود ھڪ مثال طور مان عرض ڪيان تہ ڪراچي بذات خود ھڪ ملڪ آھي. دنيا جا ڪيترائي ملڪ آبادي جي لحاظ کان ڪراچيءَ کان گھٽ آھن. اوھان ڏٺو تہ گذريل ڊسمبر ۾ وڪوڙ ٿيا ۽ انھن وڪوڙن ۾ ڪجھ ماڻھن سرحاڻي ٽائون جي انھن غريب، يتيم ماڻھن ۽ بيواھ عورتن جي گھرن تي ناجائز قبضو ڪيو، جيڪو اسلام يا ٻئي ڪنھن قانون جي لحاظ کان غلط ھو. گذريل اجلاس ۾ مون اوھان کي يقين ڏياريو ھيو تہ اسان ڪنھن کي، ٻئي جو حق غصب ڪرڻ نہ ڏينداسين ۽ انھن ماڻھن کي، انھن گھرن مان نڪرڻو پوندو. اوھان ڏٺو تہ موجوده حڪومت پنھنجي حڪمت عمليءَ سان، انھن سڀني ماڻھن کي، بغير ڪنھن جاني نقصان جي رضاڪارانہ انھن گھرن خالي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ۽ اُھي انھن گھرن مان نڪري، اتي آباد ٿي وياجتي حڪومت کين پلاٽ ڏنا، تہ اھي سڀ ڳالھيون امن امان جي صورت حال ۾ شمار ٿين ٿيون ۽ اھي سڀ فيصلا شمار ٿين ٿا.

جيڪڏھن ان معاملي کي نبيرڻ ۾ ڪا وري غلطي ٿئي ھا، خدا نہ خواستہ جيڪڏھن کوھ ۾ مري پوي ھا، تہ پوءِ حالتون مختلف ھجن ھا. اسان پنھنجي طرفان پوري پوري ڪوشش ڪري رھيا آھيون تہ قانون جي اندر رھي ڪري، ملڪ جي يڪجھتي کي سامھون رکندي جئن پاڪستان جا ماڻھو ھڪ ٻئي سان محبت بہ ڪن.

ان سان گڏ ان ڳالھہ جو بہ ڪيئي ڀيرا ذڪر ڪري چڪو آھيان ۽ ان نتيجي جي نشاندھي بہ ڪري چڪو آھيان تہ جيڪڏھن آبادي جي لڏ پلاڻ کي، آئيني طريقن سان نہ روڪيو ويو، تہ حالتن تي ضابطو آڻڻ ۾ وڏي دشواري تيندي. اسان پنھنجي طرفان پوري ڪوشش ڪري رھيا آھيون تہ امن امان جي صورت حال بہ سڀني ٿئي ۽ پاڪستان جو جيڪو اصل مقصد آھي تہ ھي ماڻھو ھڪ وڏي قوم وانگر ھڪ زنجير جي ڪڙين جيان ھڪ ٻئي سان جڪڙيل رھن.

اھو بہ چيو ويو تہ امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ ۾ باھرين صوبن جي ماڻھن جو ھٿ آھي. اھي باھريان ماڻھو ھتي صرف ان مقصد لاءِ اچن ٿا تہ پيسا ڪمائن انھن جو بہ ڪو بہ مقصد نہ آھي. مان اھڙي بيان جي سخت مخالفت ڪيان ٿو. جيو تہ

ايئن نہ آهي. هي هڪ ملڪ آهي. انجون اعلیٰ ملازمتون ملڪي سطح جي لحاظ کان آهن. اهي وڏيون نوڪريون صوبائي سطح جون نہ آهن. پاڪستان جي مختلف صوبن مان اعلیٰ عملدارهتي اچن تا. جيڪڏهن اسان موڪليا آهن تہ انهن کي به اهم عهدن تي رکيو ويو آهي. مثال طور مان ٻہ نالا پيش کيان تو. هڪ مسٹر اختر ميمڻ ۽ ٻيو مسٹر راهوخان. اهي ٻئي پنجاب صوبي ۾ هڪ رحيم يار خان ۾ ٻيو ڊيري غازيخان ۾ سپرنٽنڈنٽ پوليس طور ڪم ڪري رهيا آهن. اسان کوشش ڪري رهيا آهيون تہ ماڻهن کي صوبائي نہ پر پاڪستان جي سطح تي سوچ توڙي پرهي جيڪي قوميتون ۽ گروپ آهن، اهاڙا هڪ سطح آهي جتان گذري رهيا آهيون. ان جي نشاندهي ٿي رهي آهي. رشوت کائڻ وارو هتان جو هجي، ياڪنهن ٻي جڳهہ جو، اهو ڏوهاري آهي. ان لاءِ اسان جا رشوت توڙ ڪاتاڪري رهيا آهن. اسان انهن ادارن کي به مضبوط ڪرڻ جي کوشش ڪري رهيا آهيون. اسان جي سڀ کان وڏي ذميواري اها آهي تہ هتان جا ماڻهو سک سانت ۽ امن امان سان زندگي گذارين، پر جڏهن هڪ علائقي ۾ مختلف قسم جا ماڻهو رهندا ۽ حالتون مختلف هوندیون تہ اهي معاملا هڪ ڏينهن ۾ نٿا نبيڙي سگهندا. بهرحال اسان پنهنجي طرفان پوري کوشش ڪري رهيا آهيون تہ جيترو جلد ٿي سگهي اوترو حالتون ٺيڪ ٿين.

لاڙڪاڻي جي واقعي جو ذڪر ٿيو، ان لاءِ چيو ويو تہ حڪومت انهيءَ جي بچاءَ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي آهي. ان معاملي جو مان خاص طرح ذڪر ڪندس تہ قبيلن ۾ ڪاروباري ماڻهن جا جهيڙا، جڏهن تيندا آهن تہ وڏا نقصان تيندا آهن ۽ اها ڪائنس گهاٽ نہ آهي. ڏهليءَ ۾ هڪ ڏينهن جي هندن ۽ سکن جي جهيڙي ۾ اوهان ڏٺو تہ هزارين ماڻهو مري ويا، تہ جڏهن به قبيلن جا جهيڙا تيندا آهن تہ اتي وڏا نقصان ضرور تيندا آهن. برحڪومت جنهن طريقي سان ان معاملي کي نبيريو، اهو اوهان جي سامهون آهي. ڏوهاري پڪڙيا ويا آهن ۽ انشاءَ الله انهن کي ملڪ جي قانون مطابق سخت سزا ڏني ويندي، ان سان گڏوگڏ مان انجو ذڪر به ڪندس تہ مهرباني ڪري هن ايوان ۾ اهڙن گهاٽن تي بحث ڪيو وڃي جنهن سان ملڪ جو بنياد مضبوط ٿئي. اسان کي قوميتن ۽ گروپن جي حوالي سان گهاٽ گهرجي.

مون هميشہ ان لحاظ کان سوچيو آهي تہ سنڌ ۾ رهندڙ سڀ هڪجهڙا آهن، انهن جا هڪجهڙا حق آهن ۽ ڪراچي سنڌ جو هڪ اهڙو حصو آهي، جيڪو نہ سنڌ کان جدا ٿي سگهي ٿو نہ ئي سنڌ ان کان جدا ٿي سگهي ٿي. ڪو ماڻهو ڪراچيءَ جو نامزد آهي تہ سڄي سنڌ ان کي ووٽ ڪندي ۽ اندرين سنڌ مان نامزد هوندو تہ پوري ڪراچي ان کي ووٽ ڪندي، اوهان اڄ ڏٺو تہ اسان کهڙي قسم جي فضا قائم ڪئي آهي، اسان چاهيون ٿا تہ ملڪ ۾ سڀ کان وڏيڪ بالادستي قانون جي هجي، ۽ سڀاڻپ جو انداز ملڪي هجي. اسان اوليت ان کي ڏيون، جنهن سان ملڪ جي بهتري ۽ برتري هجي.

بقايا صفحي ۳۵ تي

سچل جي ڪلام ۾ شاهه وارا مضمون

"طلب تني جي تات، راتيان ڏينهان روح ڪي."

سچل جي ڪلام ۾ ڪي اهڙا سر آهن، جن ۾ شاهه جي ڪلام جا ڪي مضمون اچي ٿا وڃن. البت، پوليءَ پنهي جي نرالي نرالي آهي. هتي آنهن جو مختصر ذڪر ٿو ڪجي:

"سر ڪوهياري" ۾ شاهه جي "سر ڪلياڻ" وارو مضمون آندو اٿس: يعني من ڪي ڪرهي جي صورت ڏيئي، ان جي قبيح خصلتن جو ڪجهه ذڪر ڪيو اٿس. ساڳئي وقت، سسئي پنهونءَ جو عاشقاڻو قصو به ان ۾ آندو اٿس. انهيءَ سر جي شروعات ۾ چانگي جي ڪنن ڪرتوتن ڏانهن اشارو ڪيو اٿس:

اڻي پهر آڻ، ٿو اوگهو اوگاري،
پوري پٽاري، سچل پٽ پٽر ڪيو.

ان ڪانپوءَ سارو سر سسئيءَ جي ورلاپن سان پر آهي. پنهونءَ جي فراق ۾ هوءَ ٿر بر ۾ اڪين جو مينهن وسائيندي ٿي وڃي، ۽ ڪاف جي ڪشالن ڪان، قلب ڏارينڙ دانهون ڪندي ٿي وڃي. مثال طور، هت ڪي اهڙا بيت پيش ٿا ڪجن، جن مان شاهه جي سسئيءَ وارن بهڻ جي بوهه پيئي اچي:

آڻي ڪمر ٻڌ، لوچ ته لهين سپرين،
هاڻي وارو هٿ، ڏسين اکڙين سان.

هن دم آري آءُ، ناهيم حال هلڻ جو،
مون نماڻي ڪانءُ، هي ٿر ٽيليو نه ٿئي.

منهنجو اندر اڌ، ڪيو هن فراق،
مري ٿي مشتاق، ڪا ڪر وَر ولهيءَ جي.

جان جان ملان نه هوت، ٿان تان ماءِ نه مون مران،
سادر تائين موت، اٿم اهو آسرو.

ڪيچان آيو قافلو، ڪٿي عطر عنبير،
تهين جي تاثير، واسيو شهر پنهور ڪي.

سکيون ڪوه پچن، سچل ڏکن خبرون،
سي هن وهانءَ وچن، ڏيل ڏکايا جن.

جن شاهه صاحب جو ڪلام پڙهيو آهي، تن کي معلوم هوندو ته ساڳين خيالن وارا بيت متين ڪلام ۾ گهڻا موجود آهن.

شاهه وانگر سچل "سر سارنگ" ۾ چيو آهي. سارنگ اچڻ سان، جا سرهائي سنگهارن جي اندر ۾ پيدا ٿي ٿئي، ۽ جا گلزاري سنڌ جي پٽن ۾ ٽمي لڳي، تنهنجو سچل به وستار ڪيو آهي. ساڳئي وقت، شاهه وانگر، عاشقن جي اڪين جي وسڪار ۽ انهن جي دلي درد جي تذڪار جو به ذڪر ڪيو اٿس:

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بجلي بادل سان، آهي جنءَ سپرين.

ديسان ديس وسي پيا، رحمت جا درياه،
گلزاريون ۽ گاه، پوٽن تي پٽرا ٽيا.

اکين آب وهايو، سرتيون ساري رات،
وهائن وڏ ڦڑو، پرچن نا پريات،
پينر کان برسات، اکين اوتئ سکيو.

"سر راڻي" ۾ مومل جا ورلاپ آندا اٿس. شاه جي "سر مومل راڻي" ۾ دلڪش گونا گوني آهي: سامين جي باطني سونهن جو وستار، ڪاڪ محل ۾ رهندڙ نازنينن جي حسن ۽ جمال جو بيان، راڻي جي حشمت ۽ بيپرواهيءَ ۽ مومل جي عجز ۽ نياز جو داستان. سچل جي "سر راڻي" ۾ صرف مومل جون سوزناڪ صدائون آهن:

راضي ٿي راڻا، معاف مڙئي ڪر مندیون،
مومل سان ماڻا، جانب تو نہ جڳائيا.

رڳو هڪ ہن هنڌ سچن ڪاپڑين ڏانهن اشارو ڪيو اٿس:

ڪاڪ ڇنڊا ڪاپڑي، ويا اوڏ ہنڌ،
رسيا انهيءَ هنڌ، جتي مون تون ناه ڪا.

ڪاڪ لنڊاٽو لنگهيا، لاهوتي ڪي لال،
اوري هڏ نہ انڪيا، پري پيڙن خيال،
ٿيڙن قرب ڪمال، ويجها ٿيا وصال کي.

سچل جي "سر نوري" ۾ شاه جي "سر ڪاموڏ" وارو مضمون آيل آهي: نوريءَ جو نياز ۽ تماچيءَ جي مهاڻن تي فيض جي نظر ــ هيٺين مثالن سان سارر مضمون عيان ٿو ٻهي:

تون سمو سائين، آءٌ ميي مهاڻي آهيان،
مون لج رهائين، جو پلئه لڳي آن جي.

نوريءَ ڪيو نياز، ريجهائي اڄ راءَ کي،
نت نت جام نياز، اچيو انهيءَ جي ڪري.

مهاڻيءَ جي من ۾، نہ هو گيرب گاهه،
تڏهن ريجهايائين راءُ، نيڻن سان ناز ڪري.

لاڏيون لاڏ لڏن، ڪينجهر سندي ڪنڈين،
ڪاريون ٽيون ڪڏن، سمي جي سهاڳ تي.

اڳ نہ سڀيا ڪڏهين، ماڇي ٿيا مير،
مڪڑيون ڪيون تن جون، تماچيءَ تعمير،
جهونگا سي جهبير، ماڇين مان ملاح ٿيا.

مڪ موتين تي نہ ڏيان، ويهي منجهه محلات،
سندم ڪني ذات، ۽ جارو جام ڪلهي ڪنيو.

شاهه وانگر سچل "سر سورٺ" ۾ چيو آهي. ان ۾ مضمون ۾ ساڳيو آندو اٿس: يعني پيجل جي سر لاه سڻن ۽ مطلق لاطمعي ۽ راه ڏياچ جي نشڪام قرباني. هتي ڪي مثال، سچل جي "سر سورٺ" مان ڏجن ٿا:

هليو ساز سرود سان، ڪري الله توهار،
چوٽي چاڑهي چنگ کي، تورئين تند تنوار،
عرض ڪيائين آ گي ڪي، سوپ ڏئين ستار،
ڏاتر مون ڏيکار، ڏولي راه ڏياچ جي.

لوڪن لک نہ ڪائي، ڪير سالڪ کي سمجهن،
راجا کي رمزن، چارڻ جي چريو ڪيو.

سالڪ ساز سرود جي، سُر سان سير ڪنيو،
نيزي تي نيو، مٺو تهن مهير جو.

مطلب تہ پيجل مرشد ڪامل آهي ۽ راه ڏياچ آهي سعادتمند طالب.

سچل جي "سر مارئي" ۾ عمر مارئيءَ وارو مضمون آيل آهي. ساري سر ۾ مارئيءَ جي وطني آڪير ۽ عمر اڪيان ڪيل عاجزين جو ذڪر آيل آهي. ڪوٽ ۾ قابو ٽي، ويچاري سنگهارن لاه ڪچ پيٽي گاري:

عمر اباڻي پار جي، فاني ڪيس فراق،
جي ريجهاڻن رهاڪ، تن تر وڃي ٽاٽا ڪيا.

ڪيڏانهن آڻ رهياس، ڪيڏانهن ابـاڻا،
هاڻي ڪين جاڻا، تہ ڪا ملندين وڃي مارئين.

مـون اباڻا ساريان، اباڻا مـــون سارين،
واڻون نهارين، مـارو مون ملير جـــا.

"سر جوڳ" ۾ سچـن سنامين جي آستي ڪئي اٿس، جئن شاه، "سر رامڪليءَ" ۾ ڪيو آهـي. ان جو ذڪر اڳي ٿي ٿي چڪو آهي. شاه وانگر سچل بہ لاهوتين جي صحبت لاءِ واجهائي ٿو:

ڪري لنگهيا لوڪ مان، لاهوتي لوڙا،
گهوڙا ري گهوڙا، ڪري من مستان وبا.

"سر مالڪوس" ۾ سچـل، ڪانگل ڪي قاصد ڪري، ڪيس عرض ڪيا آهن تہ وڃي معشوق جـي در تي ڪرنشون ڪري، هن ڪي ريجهائي؛ ۽ وٽانئس ڪو محبت پريو پيغام ڪٽي اچي. ساڳيو مضمون شاهہ جـي "سر ڊورب" ۾ آندل آهي. سچل ڪانگل ڪي ساڳيا جواهرن ۽ لعلن جا لب ٿو آڇي، جي شاه، "سر ڪنهيات" ۾ ڪرهي ڪي آڇيا آهن:

موتين ۽ لعلن سان، پيئر ڪنب پـــريانس،
پيرين دست ڏريانس، آه نياپا ڏيندڙ نينهن جو.

متين سرن ڪانسواه، سچل سـائين پنهنجي ڪافين ۽ توڙي متفرق ڪلام ۾ گهٽو ڪري شاهہ وارا سيٽي عاشقاڻا قصا آندا آهن؛ مطلب تہ شاهہ صاحب جي اثر هيٺ ڪي قدر سچل صاحب بہ آيل آهي. ٻيو جيڪو ڪلام پنهنجي رندانہ رنگ ۾ چيو اٿس، تنهنجو واس، اڳين ورقن مان وڃي ٿو سگهجي.

ملا ۽ قاضي

"علم حقيقي عاشق جاڻن، ڪيا جاڻن ملا قاضيان"

ملا ۽ صوفي شاعر:

سنڌ جي درويش شاعرن، ايراني شاعرن عمر خيام ۽ حافظ وانگر، ڪوڙن صـوفين ۽ سنياسين، متعصب ملن ۽ قاضين ۽ ٻين مڙني مڪارن ڪي سخت لفظن ۾ نندين آهي. شاه، سچل، سامي، دلپت ۽ ٻين ڪن سنڌي شاعرن جـي ڪلام ۾، متن ڇڳي نندا ڪيل آهـي سچل سڀني شـاعرن کان انهي ۾ گوه ڪٽي ويو آهي. رواجي ملن ۽ قاضين جو هن صـاحب ڪوبہ لحاظ نہ رکيو آهـي. جي شراب جي خمار ۾، انهيءَ لحاظ کي بند وساري ڇڏيو اٿس:

"ڪونهي وري قاضي ملان جو ڪو لحاظ مونکي."

سچل کي پرينءَ جي ناز اهڙو ڪو مست ڪيو هو، جو نہ هوس روزو ياد نہ نماز:

ڪيڙو مست پرين، جي ڪٽي ناز مونکي
وسريو روزو ناهـي، يـــاد نماز مونکي

هن صاحب نـہ رڳو دين ۽ ڪفر جي وچ وارا پردا جلائي ڇڏيا هوا، پر زهد، تقويٰ ۽ ديني پاڪائيءَ جي اجائي دعويٰ رکندڙن کي بہ ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو هوائين. شاه صاحب بہ اهڙن خود پسند انسانن تـي ملامت وڏي آهي. اهڙن مڪارن کي شرمسار ڪرڻ لاءِ، شاهہ صاحب شيطان کي سچي عاشقيءَ جو شرف ڏنو آهي. قاضين کي ٿو چوي تہ "اوهان کي ڪهڙو نياڳ لڳو آهي، جو علم پڙهي منصف بنيا آهيو؟ هن پڙ ۾ اوهان جهڙا خودين ۾ خوار ٽيل نہ اچن. هـن شراب جي سرڪيءَ جي سواد جي خبر، شيطان کان پڇو." قاضين جهڙن ديني ماڻهن لاءِ، "سرڪي" ۽ "شيطان" جا لفظ، سخت اعتراض جهڙا آهن:

اڪر پڙهي اياڳيا! قاضـي ٽين ڪئاءِ،
پيرين ۽ پـائين، ايـڏاه اي نـــہ آءِ،
ان سرڪي سندو ساءِ، پڇج عزازيل کي.

عاشق عزازيل، ٻڌا مڙيئي ستڙيا،
منجها سڪ سبيل، لعنتي لال ٿئو.

سچل، انهيءَ سخت ڪلاميءَ ۾، شاهه ڪان اڳتي ويو آهي.

"علم حقيقي عاشق ڄاڻن، ڪيا ڄاڻن ملا قاضيان."

قاضي صاحب، قاعدن جا دفتر پڙهيو، عدالت ۾ عقل جو خاوند بنجي ٿو وهي، پر اندر ۾ جو مفتي (وويڪ يا ضمير) ويٺو آهي، تنهن کي وساري ٿو ڇڏي. شاهه صاحب هدايت ٿو ڪريس:

مفتي منجهه وهار، تہ قاضي! ڪانيارو نہ ٿيين.

خليفو محمد گل (شاعر گل)، جو پاڻ هڪ سانوڻي ملو يا آخوند هو، تنهن خود ملن ڏانهن هي اشارو فرمايو آهي:

صنعان جي ذلت جي منصور جي ملت جي
ملن سين مام هولڻ آهي عبث آهي عبث.

آه وحدت وصال عرياڏي،
گل سمجهه رڪ، م ڏي ملن کي منجهه.

قاضي ۽ حقيقي عاشق:

قاضين ۽ حقيقي عاشقن جي راهه هڪ ٻئي کان الڳ آهي. عقل ۽ عشق جو پاڻ ۾ سلوڪ ٿيڻ جو ناهي:

عشق دي نهين نهين، سن ري قاضيان،
عشق اسان نون علم تسان نون، نال اسان ڪيون نهين.

قاضي ديني قاعدي موجب، عام کي گناهه ۽ ثواب تي وڏا وعظ ٻيا ڪن ۽ بهشت جا لب ۽ دوزخ جا ڊپ پيا ڏين. عاشقن جي درشتيءَ ۾ جهيڑو ڏوهه ٺهڙو ثواب. هنن کان موت ۽ دوزخ جي عذابن جو خوف ڇڄي ڏور ٿيو آهي:

قاضيا ڪيهي مسلي ڪريندئين،
عشق شرع ڪيا لڳي لڳي وو،
دوزخ بهشت دي ڏي نا ڏڪي،
ڀؤ اسان ڪون ڀڳي ڀڳي وو.

واعظ ڪندڙن کي ڪل نہ ٿي پوي تہ عام ماڻهو جيسين دوزخ ۾ وڃن ٿي وڃن، تيسين گناهه جي نوڙي سندن ٿي گردن ۾ پيئي ونجي.

ديـن مسـلا هـٽ ڪتوئـي،
لک لک ڪاغذ ڪوڙ ڪوڙ،
ڪوڙي واعظ ڪهڙي ڪريندئين،
پـائـي ڇڇيءَ وچ نـوڙ نـوڙ.

ملن جي حريص طبع:

سچل جي نظر ۾، ملن کي ماڻهن جي نجات کان وڌيڪ، پنهنجي پيٽ جي پرستش جو اونو آهي. فوتي، دوزخ وڃي يا جنت، هنن جو ڪم ختمو ڏيئي، طعام ڪائڻ سان. "جئن تتر متي باز، تئن ملا مانين تي." لٽ هٽ ۾، خيال طعامن جي خوشبوءِ ۾، اڪ ديگ ۾ ۽ ڀانو ختمي جو. ڏيکاري ائين ڏين، جڻ ويچارا فاقه ڪش فقير آهن، پر ڪائڻ وهن تہ ڪاسن جا ڪاسا پيٽ ۾ لنگهائي، ڪکيون ۽ پاسا پري، ديڳيون خالي ڪيو آڻن.

ملان تہ ڪارڻ مانين جي، ختما پڙهن تا خاصا؛
هلي اچن تا ڪنن تي، هٽ ۾ ڪيون عاصا،
جڙي ويهن تا مانين تي، ڪکيون پرن تا پاسا؛
ملان چون تا ڪين ڪائون تا، ڪائي وڃن تا ڪاسا؛
سچو، سچ چوي ٿو ظاهر، بئيون گهمن تا باسا.

حياتيءَ ۾ سندس اصول هو حق چوڻ، ڀوءِ پل تہ آهو تلخ هجي ۽ ڪوڙي دوستيءَ جي دم هڻندڙن کي ناگوار لڳي:

سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وڃي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم، بڻي نہ بڻي.

ملن جي خشڪ طبع:

سچل جي خيال موجب، ملا نه رڳو ڪاڏي جا حريص آهن، پر طبيعت جا به خاص طرح خشڪ آهن. حقاني حسن ۽ عشق کان بنهه بي خبر آهن. هنن کي ڪهڙو احساس ته حقيقي ديدار يا مشاهدو چا ٿيندو آهي. ملن وانگر وظيفن پڙهڻ ۽ ورقن ورائڻ سان حق حاصل ٿيڻو ناهي، پر سچي عشق، جي شراب جي هڪ پيالي سان. عشق، سيني ڪشالن کان ڇڏائيندڙ آهي: اها هدايت، سچل ور ور ڏيئي ملن ۽ قاضين کي ڪندو ٿو اچي:

قاضي سچ چوان مان توکي، ڇڏ مسائل مصلا،
آءٌ ته پيون پڪ پريمي، مور نه ٽج تون ملا،
سچل حق نه حاصل تن، جي راه انهيءَ کون پلا.

ملا ڇڏ ڪتابن پچر، مئي جي پيءُ پيالي،
پل ۾ ملا صاحب ٿين تون، مست و مست موالي،
ڇڏ ڪلالي قاضي صاحب، قاڏم ٽج ڪلالي،
معاف ڪرائي عشق ائين ٿو، سچل ڪاف ڪشالي.

ملو جيڪڏهين هڪ واريءَ سهڻن جي زلفن جو ديدار ماڻي ته پوءِ جيڪر اهڙو وجد ۾ اچي وڃي، جو مارن کائيندي به هميشه روح ۾ راضي رهي:

آخوند ڏسين اوچتي، ڇيلن ڇلا،
توڙي کائين کلا، ته به راضي رهين روح ۾.

هڪ هنڌ سچل موج ۾ اچي، ملن تي ڏاڍو مذاق ڪيو آهي، ايتري قدر جو سندن ٽپر ڪٽڻ جو شوق ڏيکاريو اٿس:

"عشق پيوسي زور زور، ڪٽ مليدي ٽور ٽور."

انهيءَ هوندي به سچل جي دل ۾ ملن ۽ قاضين لاءِ ڪو غير نه هو. عاشقن جي نظر ۾ ملو توڙي ملنگ ٻئي هڪ آهن:

حقيقت ۾ ايڪ ٽيا، ملا ۽ ملنگ. (بيدل)

ملن ۾ به سائين:

سچل آخر انهيءَ حقيقت تي وڃي ٿو بهي ته ڏٺي پاڻ ئي ملو آهي، پاڻ ئي قاضي؛ پاڻ ئي پنڌت آهي پاڻ ئي هانيءِ.

"ڪڏهان ملا ڪڏهان قاضي، ڪڏهان هانيءِ بلايا هٿ."

هر جا حق پاڻ ئي آهي. ڪٽي منصور جي روپ ۾ سوريءَ تي سوار آهي ته ڪٽي قاضيءَ جي صورت ۾ ناحق جي فتويٰ ڏيئي، منصور کي مفت ٿو مارائي؛ ڪٽي ملن جي لباس ۾ عاشقن سان شرارت ٿو ڪري:

سيڪنهن ويڙهي تون وسين، توريءَ آهي ڪونه ٻيو،
هر جا حاضر تون، موٽي ڪهڙي آهي مون،
هادي ڪٽ حجاب کي.

ڪا ٽئين قاضي ٽئين، ويهي ناحق فتويٰ ڏئين،
سوريءَ تي منصور جي.

موٽي ٽئين منصور، کيءَ ملن جو مذڪور،
شاهد ٿي بيهي شرع تي.

هي سڀ ڪر سنداه، آهن جاني جاه بجاه،
جيڪي ڪرين تون ڪرين.

ملن جي وجود جي اهميت:

مطلب ته مطلق هستيءَ کي اها گهاڻه منظور آهي ته دنيا ۾ ضد قائم هجن، جئن زندگيءَ جي سهڻي پاسي جو ملهه برقرار رهي. ملا نه هجن ها ته شمس تبريز ۽ منصور جهڙن عاشقن کي شهادت جو شرف ڪٽان حاصل ٿئي ها.

ساجن هر ڪنهن صورت سنيان سارا سيل ڪريندا وي،
ڪڏهان ملان ڪڏهان مفتي ڪر اناالحق الينداوي،
موسيٰ يا فرعون ڪڏهن، شداد بهشت بنيندا وي،
آذر يا نمرود ڪڏهان، خليل سو نام سڏيندا وي،
آدم عزازيل هوا سوئي، سچو سر سڏيندا وي.

خورشيد احمد علوي

سچل سائين جا سوانح نگار



سوانح نگاري، ادب جو هڪ اهم جز آهي، جنهن جو موضوع آهي: بزرگن جون حياتيون ۽ انهن جا ڪارنامَا ڄاڻائڻ، اهي زندگيون يا تہ هڪ قسم جي تذڪري جي صورت ۾ هونديون آهن يا ڪنهن جليل القدر هستيءَ تي جداگانہ تصنيف لکي ويندي آهي. ان فن جي غرض ۽ غايت هتي آهي. هڪ طرف انساني فاني زندگيءَ کي ڪجهہ وقت لاءِ بقاءَ حاصل ٿئي ٿو، ٻئي طرف وري آئيندہ نسلن کي سندن بزرگن جا ڪارنامَا ۽ عظمت ياد ڏياري، کين سڃاڻ ڪجي ٿو.

تازہ خواهی داشتن گرد اغهائے سینہ را
گاهے گاهے باز خوان این قصہ پارینہ را

سنڌ جي عالمن، صالحن ۽ شاعرن جي احوالن سان وطن عزيز جا تذڪرا پريل آهن، جيڪي: تحفة الڪرام، مقالات الشعراء، مڪلي نامو، بيان العارفين، حديقة الاوليا، مشائخ سنڌ وغيرہ، اهي ميرن جي عهد ڪان اڳ جا لکيل آهن. ٽالپرن جي عهد ۾ ڪنهن مستند تذڪري جي نہ لکجڻ سبب ان زماني جي ڪچ جيترن عالمن ۽ فاضلن جون حياتيون گمنامي جي گوشي ۾ رهجي ويون آهن. جتي سنڌ جي مورخ ميرعلي شير قانع پنهنجي مشهور تصنيف "تحفة الڪرام" ۾ گذشتہ ۽ همعصر سنڌي اوليائن، عالمن ۽ شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اتي پنهنجي همعصر عارف ۽ شاعر سچل سرمست کي درگذر ڪيو اٿس. ان مان سمجهڻ گهرجي تہ ميرعلي شير قانع، سچل جو وڏو همعصر هو، جنهن وقت تحفة الڪرام سنہ ۱۱۸۱ھ ۾ لکي پورو ڪيائين، ان وقت سچل جي عمر ۲۸ سالن جو ڪبرو جوان هو ۽ ڪا غير معمولي شهرت حاصل ڪانہ ڪئي هئائين، جنهن ڪري سندس ذڪر متئين تاريخ ۾ آڻي نہ سگهيو. ان کان علاوہ سچل سرمست جا هيٺيان سوانح نگار قابل ذڪر آهن:

۱- مخدوم الله بخش

هن صاحب "تذڪرہ مخاديم" ۾ پهريون دفعو هم وطن عارف سچل جو ذڪر ڪنو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو اٿس تہ ڪيئن ولي محڪم الدين سيلانيءَ جي، سياحت ڪندي، سائس ملاقات ٿي، جنهن ڇاڻ هڻندي چئي ڏنس: "سندس لاءِ هڪ ئي عشق جي ضرب بس آهي." سچل جا طبق روشن ٿي ويا، متس حال طاري ٿيو ۽ قدرت وٽان شاعراڻہ بهرو مليس. عمر پر سماع ۽ سرود ۾ مستغرق رهيو. وڏيڪ تذڪري ۾ ڪهڙن جي مخدوم سان سندس تعلقات ڏيکاريل آهن. (۱)

مرزا علي قلي بيگ

مرزا صاحب (متوفي ۱۹۱۲ع) مرحوم قليچ بيگ جو ٻيو نمبر پاءُ، پهريون نمبر سندي مسلم گرئجيوئيٽ، ڊپٽي ايڊيو ڪيشنل انسپيڪٽر ۽ سچل جي رسالي جو پهريون جامع

هو. سچا سارا اٺ سال مسلسل کوششون ۽ تکليفون وڻي، جدا جدا نسخا پيتي ۱۹۰۲ع ۾ شاعر جي فوت ٿيڻ کان صرف ۷۳ سال پوءِ سندس سارو ڪلام گڏ ڪري، صحيح سوانح عمري سان گڏ ٻن وڏن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ڊاڪٽر سورلي جو شاهه جي سوانح نگار، شمس العلماء قليچ بيگ بابت قول، مرزا علي قلي بيگ سان پڻ لاڳو آهي: سچل جي حياتي جو محقق ۽ طالب مرزا علي قلي بيگ آهي، جنهنجي تحقيق، يقين پري آهي. هو خوشنصيب هو، جو ڪيس سينه بہ سينه روايتون ٻڌيون، جي وڃبو سچل جي زماني تائين پهچن ٿيون، جو سلسلو هينئر منقطع ٿي چڪو آهي. سچل جي پوئين سوانح نگارن لاءِ مرزا موصوف ئي اهم ماخذ آهي.

۳- جيٺمل پرسرام گلراجاڻي

هن سنڌي اديب (متوفي ۱۹۴۸ع) پنهنجي ٻن تصنيفن "سنڌ جا صوفي سونهارا" ۽ "سچل سرمست" ۾ سچل جو ذڪر ڪيو آهي. پهريون ڪتاب ويدانيت ۽ تصوف جي اصولن سان گڏ سنڌ جي صوفياءِ ڪرام تي آهي. ٻيو محض "سچل" بنسبت آهي، جنهن ۾ هن جي زندگي، شعر، تصوف ۽ فلسفي تي دلچسپ پيرائي ۾ بحث ڪيل آهي. ويڑ وروڌ وڃائڻ، ايڪي ۽ ملاپ قائم ڪرڻ ۽ ان ذريعي قديم سنڌ جي صوفياڻي ايڪي زنده ڪرڻ ۽ ڦهلائڻ تي زور ڏنو ويو آهي.

۴- درهمد ۽ هيوراج

هنن ٻن ماستر دوستن سچل جو ڪلام گڏ ڪري مختصر ديباچي سان ۱۹۱۰ع ڌاري ڇپايو ۽ شاعر جي زندگي لاءِ سندن ماخذ علي قلي بيگ وارو رسالو هو.

۵- آغا صوفي

مشهور سنڌي شاعر مرحوم غلام نبي آغا صوفي شڪارپوري، (متوفي ۱۹۴۱ع) درازي طالبن مان هو. ۱۹۳۳ع ۾ ضخيم تصنيف، "سچل سرمست" شايع ڪيائين، جنهن جي ست ست مان سندس والهانه عقيدت جو ثبوت ملي ٿو.

رسالو سچل سرمست قرب ۽ عشق جو پورهيو آهي، جن جي ذريعي هو ڪن حقيقتن کي ويجهو رسيو. ٻين نسخن کان شاعر جو ڪلام گهٽو ڏنو اٿس، جو صاحب موصوف خيرپور ميرس جي رياستي ڪتبخاني، درازي طالبن، فقيرن ۽ ڳائيندڙن جي ذريعي حاصل ڪيو. آغا جا تنقيدي مقالا سرمست جي زندگي ۽ شعر تي نئين روشني وجهن ٿا.

۶- مرحوم دين محمد وفائي

مولوي حاجي دين محمد وفائي (متوفي ۱۹۵۰ع) پنهنجي تصنيف "لطف اللطيف" ۾ "شاهه جون وقت جي وڏن ماڻهن سان ملاقاتيون" جي تحت شاهه جي سچل بنسبت پيشنگوئي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ سندس سند مرزا قليچ بيگ مرحوم آهي. پي تصنيف "مشاهير سنڌ" ۾ شاعر جي زندگي جو احوال ۽ ڪلام تي راهه ڏني اٿس. ان کانسواءِ سندس سچل تي محققانه مقالا 'الوحيد' 'سنڌ آزاد نمبر' ۽ رسالي 'توحيد' ۾ بعنوان "سچيڏنہ جو فارسي ڪلام" ۽ "سچل جي عارفه بصري سان ملاقات" قابل ذڪر آهن.

۷- ڪلياڻ آڏواڻي

ڪلياڻ آڏواڻي ڊي. جي. ڪاليج حيدرآباد سنڌ جي اڳئين سنڌي پروفيسر جو به سچل سرمست جو گهرو مطالعو ڪيل هو. هن، مٿس ڪئين تحقيقي مقالا لکيا جي سندس رٽيل ٿيسس "سچل جي زندگي ۽ شعر" جي ڪڍي هٿان، سي قسطوار "سنڌو" رسالي ۾ ڪجهه وقت تائين شايع ٿيندا رهيا.

۸- هدايت علي نجڻي

هدايت علي (متوفي ۱۹۴۲ع) پنهنجي تصنيف "سنڌي زبان، ان جي شعر ۽ شاعرن جي تاريخ" ۾ سچل سائينءَ جو ذڪر ڪندي ڏيکاريو آهي ته سچل سنڌي ڪافي جو موجد آهي ۽ وائيءَ ۾ به شاهه کان مختلف آهي. گو هن عروضي شعر چيو آهي، پر ثابت علي شاهه کانئس آڳاڻو آهي.

۹- پروفيسر لطف الله بدوي

فاضل معاصر تذڪره نگار "تذڪره لطفي" جي پهرين پاڳي ۾ شاه ۽ سچل جا موازنا ۽ ان متعلق آغا صوفي جي اٿاريل اعتراضن جا جواب محققانه انداز ۾ ڏنا آهن. اڳين تذڪره نگارن جي ڪن غلطين جي تردید ڪئي اٿس. سچل متعلق نئين ماخذ، تذڪره مخادير، مان احوال فراهم ڪيو آهي.

۱۰- خانبهادر محمد صديق ميمڻ

خانبهادر پنهنجي تصنيف "سنڌ جي ادبي تاريخ، برٽش حڪومت کان اڳ" ۾ شاعر جي حياتي، تصوف، فلسفه ۽ شعر تي بحث ڪيو آهي، جنهن لاءِ سنڌس ماخذ مرزا علي قلي بيگ ۽ آغا صوفي وارا رسالا آهن.

۱۱- نماڻو فقير

سنڌ پريس، ٻڙودا وارن سچل سائين جو ڪلام بابت هڪ قيمتي ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيو آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ جڏهن سچل فقير کي سنڌس نند پٽ ۾ ڏئو هو، تڏهن فرمايائين، "اسان جيڪو ڪنو ڇاڙهيو آهي، تنهنجو ڏيکڻ هي (سچل فقير) لاهيندو." سچل سائين قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو ۽ سنڌ جي اهڙي بزرگ جو ڪلام "نماڻي" فقير صاحب ٻڙودي ۾ ڇپائي ٻڌرو ڪيو آهي. منجهس سچل سائينءَ جا اٽڪل ست سئو سنڌي ۽ سرائڪي ڇوڏ ڪلام جدا جدا سرن هيٺ رديف وار ۽ پنج نيون ڇوڏ سي حرفيون ۽ ۱۸۴ سنڌي ۽ پنجابي ڏوهيڙا ڇپايا ويا آهن. تهن کانسواءِ ڏکين لفظن جي معنيٰ به الف بي وار ڏني ويئي آهي. مهاڳ وارن ۲۹ ڪن صفحن ۾ سچل صاحب جي صوفياڻي زندگيءَ تي ٿوري مختصر روشني وڌي ويئي آهي. رسالو گهاڙهي باربر سان اوچي بٽڪ پيپر تي ٽلهي سنڌي ٽائيپ ۾ ڇپيل آهي ۽ منجهس جملي ۵۰۰ صفحا آهن. رسالي جي بيهڪ ۽ جلد وغيره سڀ عمدا آهن.

متفرق مضامين

مٿين صاحبن کانسواه جن ٻين وطني ادبين سچل سائين جي حيات ۽ شعر تي ڪي سنجيده، مفيد ۽ پر مغز مضمون لکيا آهن، تن مان هي آهن:

ميجر شيخ ساز علي "ساز" ڪاليجي زندگي واري زماني ۾ استاد آغا صوفيءَ جي زير اثر ڪي عمدا مضمون ڪاليج مخزن ۽ "سنڌو" رسالي لاءِ لکيا آهن. خصوصاً سنڌس شاهه ۽ سچل جو موازنو قابل قدر آهي. گرديال، هڪ درازي طالب "وشو پارتي" مخزن ۾ انگريزي مضمون "سچل صحرا جو فرزند" "Sachal The Son of The Desert" لکي شاعر جو ٻاهرين دنيا سان تعارف ڪرايو. عبدالواحد سنڌي، اردو رسالي ماه نو ۾ پنهنجي مقالي "سچل جي حيات ۽ شعر" جي ذريعي اردو دان طبقي کي هن سنڌ جي بلند پايه صوفي شاعر کان آشنا ڪرايو. سنڌي ادبي بورڊ جي ياران سچل جي رسالي کي نئين سر تفتيش ادبي ۽ تدقيق علمي جي نقطهءِ نظر کان سنواري ۽ مرتب ڪرڻ جو ڪم مشهور سنڌي اديب جناب عثمان علي انصاري کي تفويض ڪيل آهي ۽ قوي اميد آهي ته صاحب موصوف ٿورڙي وقت ۾ ڪاشايان شان تصنيف سنڌين کي ڏيندو.

شيخ ايار

سچل سرمست جي عظمت

سچل سرمست جي شاعري هڪ ازلي استفهام آهي. هن جو هر شعر سوال آهي. هيءَ ڪائنات ڇا آهي؟ هي خاڪ و باد، هي ابر و باران جو عالم پنهنجي صدها رنگينين جي باوجود ايترو ناپائيدار ڇو آهي؟ انسان جي ازلي منزل ڪهڙي آهي؟ هيءَ پرديسي پکيڙو ڪٿان اڏريو آهي؟ سندس ديس ڪهڙو آهي؟ هي انسان، گونا گون شرعي لباس ويڙهي، پنهنجي حسين اصليت ڇو ٿو لڪائي؟ جڏهين انساني دل ديرو آهي ڪنهن لا مڪان جي مڪين جو، تہ پوءِ هي ديـــن ڏرم ۽ ڪفر اسلام جا تفرقا ڇا جا؟ سندس شاعريءَ ۾ هر هنڌ تجسس پيو بکي. هر شي ۾ گويا هن جو نعرهء رندانہ، ڪوئي ازلي سوال آسمانن سان پيو ٽڪرائي:

"آهيان آهيان آهيان وو موڪي چوان تا ناهيان ڪي تہ آهيان وو،
دوکي واريون لکين ديوارون ڊوڙ انهيءَ ٿو ڀاهيان وو."

ڪيتري نہ سرمستي ۽ زور - بيان آهي انهيءَ شعر ۾. هستي ۽ نيستي جي پر اسرار حقيقت شاعر جـي دل ۾ جا ڪيفيت پيدا ڪري ٿي، ان جو اظهار متئين شعر کـان بهتر ٿي نٿو سگهي. نفعي ۽ اثبات جي معمي جو اهو احساس جڏهين سندس شخصي وجود ڏانهن ڏري ٿـو، تڏهين هو پاڻ کـان پڇڻ ٿو لڳي:

"سچو نانءُ سڏائين، چئو تہ ڪٿي تون آهين؟"
"ڪهڙي ديسئون آيو ادين ڏي هي پرديسي؟"
"ڪٿئون اڏري آئين وي پکيڙا پرديسي؟"

۽ جڏهين ڪيس انهي سوال جو جواب نٿو ملي تہ ڪيس جا روحاني ڪوفت ٿي ٿئي، ان جو اظهار ب اهڙو ٿي لاثاني آهي:

"آءُ ساڻي، سانـون ڪا گالهہ سڻاوين وو."

"يار دي ٻاجهون مٿن نا مرندي نا جيئندي هان."

"آبر رات عتاب، ڏاڍا سخت سگهارن جـا."

شعر جي شيريني ۽ لطافت سان گڏ اهي شعر شاعري جي روحاني اضطراب جا آئينہ دار ب آهن. روحاني اسرار جي جستجو شاعر کي پڪائيندي ٿـي رهي. هـو انهيءَ تلاش ۾ حيران ۽ سرگردان آهي. جتي ڪٿي جهاتي ٿو پائي تہ متان ڪائـي جهلڪ نظر اچي. ايندي ويندي کان ڏس ٿو پڇي تہ من کو پرينءَ جـي پار جو پتو پوي ۽ ڪڏهين ڪڏهين ان جو رمزيت سان اظهار ٿو ڪري:

"سـاري راج تـيـڏي دي مـٽـن،
گولڙي گولڙي هوسان، شال مور پويئي."

"ڀلا ميان رانجها! آوين آوين ساه سيباوين."

۽ جڏهين هن کي ڪنهن ازلي حقيقت جي جهلڪ نظر ٿـي اچي تہ هـو پڪاري ٿو آٿي:

"حيران كيتا، حيران كيتا،
مٿن كون حسن حيران كيتا."

۽ جڏهين حيرت کجهه جهکي ٿي ٿئي ۽ هو کجهه منزل - حيات جي ويجهو ٿو وڃي ته جهونگارڻ لڳي ٿو:

"لڳيان، هڻ لڳيان، اکيان ٿو نال."

"اکيان لڳيان نال رانجهودي، اکيان لڳيان
نال رانجهو دي."

"مون سان کيون ميهار، ڳجهيون ڳالهيون وو
دوستيءَ جون."

بس هوءِ شاعري سرمستي ٿي آهي. هر شعر الستي نعرو آهي. احساس - حسن سان مخمور، جذبه بيخودي سان سرشار:

"جنهن دل پيتا عشق دا جام،
سا دل مستئون مست مدام."

"کو کيئن چوي کو کيئن چوي،
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

کوئي مست، کوئي سرمست چوي،
کوئي راه دين درست چوي،
کوئي عاشق روز الست چوي،
آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان.

کو خاص چوي، کو عام چوي،
کو پختو چوي، کو خام چوي،
کوئي "سچو" سچو نام چوي،
آءٌ جوئي آهيان، سو ئي آهيان."

مستي ۽ بيخودي جي انهيءَ منزل تي پهچي، هو دنيا جي هر ظاهر پرستيءَ ۽ تفرقيبازي کان بي نياز ٿي وڃي ٿو ۽ پاڻ کان آخري سوال پڇي ٿو. سوال جو انداز ته ڏسو، کيڏو نه پيارو آهي: "تون کيون درويش سڏاوين، سچو تون کيون درويش سڏاوين؟" ۽ پوءِ خود ئي جواب ڏي ٿو:

"عشق جو ڏس انصاف، سڀ مذهب
کيائين معاف."

هر اهل - معرفت وانگر سندس مذهب تنگ نظريءَ کان مٿي آهي ۽ هو انسان جي روحاني برادريءَ جو علمبردار آهي. اهو هر انسان، جو ازلي حقيقت جي جستجو ۾ آهي، سو انساني مذهبن ۽ فرقي بندين کي بي معني سمجهي ڏکرائي ڇڏي ٿو. سچل سرمست جي ذات ۽ سندس شاعري، ٻئي انهيءَ اصول جون آئينه دار آهن.

سچل سائين جي تخيل تي مختصر تبصري بعد، مان سندس فن جي هئيت جي ٻاري ۾ کجهه چوڻ چاهيان ٿو.

سچل سرمست جو شعر فارسيءَ ۾ وزن جي بلڪل قريب اچي ٿو. ان ۾ ملتاني کافيءَ ۽ هندي گيت جو سموريون خوبيون آهن. خصوصاً، هر کافيءَ جي ٻهرين سٽ ته بي پناه روانيءَ سان چهل آهي. سندس کانيءَ ۾ گداز ۽ شرينتي آهي. جيڪڏهين جديد سنڌي گيت ۽ کافي ۾ سچل جي شاعريءَ جو روح سمايو وهي ته ان ۾ کافي دلکشي پيدا کري ٿي سگهجي.



سيد اظهر گيلاني

سچل سرمست جا معاوراً

حضرت سچل سرمست، سنڌ جو قادرالڪلام شاعر آهي، جنهن ملڪ جي مروج چئن زبانن "سنڌي، سرائڪي، اُردو، فارسي" ۾ ڪلام چئي پنهنجي شاعرانه عظمت، عاشقانه ۽ عارفانه رنگ کي برقرار رکيو آهي. سچل جو ڪلام سندس دور جو عڪاس ۽ ماحول جو ترجمان آهي. ان جي ڪلام ۾ لطافت ۽ رنگينيءَ، ميٺاج ۽ مزو، تصوف جي توانائي ۽ "انا" جو عنصر موجود آهي.

سچل سرمست، ع- لامہ اقبال کان اول، پنهنجي ڪلام جي ذريعي اهل سنڌ کي خودي ۽ خود داري، وحدت الوجود ۽ همہ اوست جو فلسفہ ڏنو آهي. شاعري واقع ڏاتر جي ڏات سمجهڻ گهرجي، ۽ جنهن انسان جي مقدر ۾ اها لکت لکي وئي، ان کي سخن جي ملڪ جو پيغمبر کوڻي سگهجي ٿو، ڇو ته شاعري پيغمبري جي جز آهي. بقول مرحوم حاجي "عالم" بلوچ ميرپوري:

شاعري جذبات جو آهي وجود.
شعر آهي، سوز جو ساز و سرود.

شاعري پيغمبري جي جزو آ،
جاڻ وارا، آن کي جاڻن ٿا ورود.

شاعري پيغمبري جو راز آ،
شعر سان آهي چٽيل چرخ ڪبود.

شاعري وابسته آهي درد سان،
ٿي رکي قائم "دل عالم" ۾ دود.

سچل سرمست پنهنجي دور جو واقع وڏو شاعر آهي، ان جي ڪلام ۾ راز ۽ رمزون، نادر نڪتا ۽ ڪجهہ جون ڳالهيون، موج ۽ محويت ملي ٿي. سچل گهٽو ڪري مستي ۽ سرشاري، وجد ۽ استغراق جي عالم ۾ گذاريندو هو. انهيءَ بي خودي جي ڪيفيت ۾ به جيڪو ڪلام موزون ٿيو آهي، ان مان انسان دوستي ۽ اخلاق، فڪر ۽ فن، ندرت ۽ جدت جا جواهر پاره ملن ٿا. سچل سرمست جت مستي ۽ سرشاري جو فلسفہ پيش ڪيو آهي، اتي استادانہ رنگ ۾ استعاره ۽ تشبيهون، اصطلاح ۽ ورجسون، محاوره ۽ پهاڪا به ڪثرت سان سان ڪلام ۾ ڪم آندا آهن. انهي مان سندس علميت ۽ عظمت مرتبو ۽ مانَ جو پتو پوي ٿو. ان جو سنڌي ڪلام سنڌي ٻولي جي واڌاري ۽ سڌاري، سونهن ۽ سرهاڻ جو سبب آهي. عام طرح چيو ويندو آهي ته شاه صاحب ۽ سچل سرمست ظاهري علم سان مزين نہ هئا، در اصل اها ڳالهہ غلط ۽ بي بنياد آهي، هو عالم ۽ فاضل، ڪامل ۽ اڪمل هئا. انهن جي ڪلام مان علم ۽ ادب، جا اعليٰ اهڃاڻ ملن ٿا.

چند معنيٰ خيز اکرن جي ميڙ ۽ ميلاپ جو نالو محاوره ۽ پهاڪو آهي، ڪڏهن اڌ سٽ، ڪڏهن هڪ سٽ، ڪڏهن ٻن سٽن تي پهاڪو پڌل هوندو آهي. پهاڪي ۾ دانائي ۽ ڏاهپ جا نڪتا، سمجهاڻيون ۽ ڳوڙهيون ڳالهيون سمايل هونديون آهن. ڪڏهن ته هڪ محاوره ۽ پهاڪي کي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ شارح کي

کیترا صفحہ سیڑائٹا پوندا آھن ۽ تڏھن بہ اھو مقصد ۽ مفھوم پوري طرح ادا نہ ٿي سگھيلو آھي. شاعر جي ڪلام ۾ پھاڪو ۽ محاورو ائين آھي، جئن سھاڳ ۾ ڪي زيور، جئن طعام ۾ لوڻ، جئن سون ۾ سھاڳو وغيرہ. آءٌ تہ نمايان الفاظ ۾ ائين چوندس تہ جنھن شاعر ۽ اديب جي شعر ۽ تحرير ۾ محاورہ ۽ پھاڪو نہ آھي، ڇڻ ان جو ڪلام ڪجو ۽ ڦڪو، بي رنگ ۽ معنوي مرڪز کان ھٽيل آھي. محاورہ ۽ پھاڪو بہ جي جان مضمون ۾ روح ڦوڪي، ڪلام ۾ ڪشش ۽ جاذبيت، رونق دلڪشي جو سامان پيدا ڪري ٿو.

سچل سرمست شاہ جي تتبع ۾ ڪلام چوڻ ۽ ان جي تقليد ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آھي، ڪيترن بيتن ۾ توارد ۽ ٽڪر جا نشان بہ ملن ٿا، جئن تہ ھينئر منھنجو اھو موضوع نہ آھي، ورنہ چند مثال پيش ڪريان ھا!

سچل جو پنھنجو خالص رنگ آھي، ان جي مضمون ۽ معنويت ۾ انفراديت جو اعليٰ عنصر موجود آھي. ھن جي ڪلام ۾ نوان الفاظ، نوان محاورہ، نوان پھاڪا، نيون چوٽيون، نيون ترڪيبون، نيون تشبيھون ملن ٿيون. شاہ وانگر سچل جي بيت جي آخري مصرع ۾ محاورہ يا پھاڪي جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي، چند بيتن جي ابتدا يا وچ ۾ بہ اھڙو مواد ملي ٿو. اسان جا اديب ۽ شاعر، مفڪر ۽ دانشور ليکڪ ۽ شارح گھڻو ڪري اڄ تائين ائين سمجھندا رھيا آھن تہ سچل سرمست، صرف مستي ۽ سرشاري جو ترجمان "شاعر" آھي.

سچل سرمست سنڌي ادب تي وڏو احسان ڪيو آھي، ھن پنھنجي خداداد ذھانت جي بدولت، پنھنجي ذھني ضرب خانہ مان اھڙا تہ رائج الوقت سڪا جاري ڪيا آھن، جن سنڌي ادبي ۽ علمي خزاني ۾ وڏو اضافو آندو آھي. سچل جي ڪلام ۾ اھي سڀ خوبيون ۽ خوبصورتيون، فني ۽ فڪري لاڙا، ادبي اشارہ ۽ ڪارائتا ڪنايہ موجود آھن، جيڪي ھڪ صحيح شاعر جي خدمت ۽ مرتبہ جا ضامن ۽ نگھبان ھوندا آھن. شاہ ڪان بعد جيڪڏھن ڪنھن شاعر جو نالو ونجي تہ اھو صرف سچل سرمست آھي. نديڻ جي عالم ۾ شاہ صاحب، سچل کي ڏسي، فرمايو ھو تہ "مون فڪر ۽ فن، راز ۽ رمز جي جيڪا ديگڙي چاڙھي آھي، ان جو ڪو سچل لاھيندو." واقعي ٽيو بہ ائين، شاہ صاحب جيڪي راز لفظن جي پردہ ۾ پنھان رکيا، سچل سچ چئي، پنھنجي ڪلام ۾ انھن جي شرح ڪئي، سچل جيڪي ڏنو، اھو عوام کي ڏيڻ، منصور بہ ڏسي سمجھي "اناالحق" جو نعرہ ھنيون ھو. دنيا جي عظيم فلاسفر "سقراط" کي سچ جي سوپ لاءِ زھر جو پيالو پيڻو پيو، سچل بہ اونده جي عالم ۾ سچ "حق" چئي، حق جو ھوڪو ھلايو. سچل سرمست جي ڪلام کي باريڪ بيني ۽ غور سان پڙھبو تہ ھر ھڪ پڙھندڙ کي پنھنجي مقصد جا موتي ملندا. شاھ وانگر سچل سرمست تي گھڻو ڪجھ لکيو ويو آھي، مگر اڃا بہ انيڪ عنوان تشنہ رھجي ويا آھن، جن تي قلم کڻي سگھجي ٿو. وقت وڏو اُستاد آھي، ھو پنھنجي وقت سان گڏ، وقت جي ماڻھن جي ضرورت مطابق قلمڪارن کان سچل تي لکرائيندو رھندو. آءٌ حضرت سچل سرمست جي صرف بيتن مان محاورہ مصراعون ڪڍي اھلِ دل، اھلِ نظر جي ادبي اُڄ لاھڻ لاءِ پيش ڪري رھيو آھيان "منھنجي سامھون رسالو سچل سرمست، ترتيب ڏيندڙ عثمان علي انصاري آھي" صاحبِ ذوق حضرات کي دعوتِ فڪر ڏئي رھيو آھيان تہ اوھين بہ ادب جي ايوان ۾ اچي، انصاف جي اکين سان سچل جي ڪلام کي پڙھو ۽ پرجھيو، سوچيو ۽ سمجھو تہ ان سچ جي سخنور جرڪندڙ جواھر ڏئي، سنڌي ادبي خزاني کي ڪيترو نہ مالا مال ڪيو آھي.

حضرت سچل سرمست جي مختلف سرن ۾ ڪافين مان بامحاوره ست مصراعون، ادبي ذوق حضرات جي مطالع لاءِ پيش ڪجن ٿيون.

[وحدت]

"سچو" سارو، سچ ٿيو، وڃڻون آڻ وياس.
ڪري امارو اڳيان اسان جي، تيرن ساڻ تپايو.
ويچ ڏوئي تا ڪل پوءِ، دور ڪر درجات ڪي.
پرين نہ پيڃ پنڌڙا، تون "سچو" پاڻ سنيار.
پول نہ ٻي ڪنهن ٻل، تون تہ آدم ناهين.
"سچو" سچي ڳالهہ ۾، ڪهڙو ڪير گناه؟
ڏئو تماشو تيغ جو، ڪوپن ڪنڌ ڪپائي.
ڪافر مومن هڪڙو، "سچو" ٻوڙج ٻيائي.
طرحين طرحين پوشاڪون پهري، لالڻ پاڻ لڪايو.
ڦولهي لهج پاڻ مڙن، ڇو ٿو وڃين وڻڪار؟
ٻانهون ٻانهہ ۾ پاڻ، تو هي مالڪ ملڪ جو.
دم غنيمت جا هت آهن، ڏينهن دنيا ۾ چار.
غير نہ آڇ وچ ۾، آهين ظاهر تون ذاتي
ستان ٻائين پاڻ ڪي، سڄو صفاتي.
پاڻو چاڻي پاڻ سان، هت لنوَ تا لائڻ آيو.

[حقيقت]

دلبر ديرو دل تي، ڇو ديکين درپن ۾.
"سچو" آه اوهانجو، تنهن جي درست ڪريو دلشاد.
سدا آهين "سچوءِ" ڪي، تون جيءَ جو جياپو.
درد جنهين کي دوست جو، لکن سا نا لوڙي.
ڪندي وڃي ڪيچ ۾، هي بره جو بيان.
"سچو" سوز فراق جو، ڏئي ويڙهہ ڏاڍ.
پسي حال حقير جو، آڻ ڪوهيارل ڪاهي.
حرف اسان تي آه اصل جو، وقت ويسر ۾ ويو.
"سچو" ٻاجهون سوز جي، ٻيون لاتيون ڪين لوان.
ڪاڪيون ويندس ڪيچ ڏي، ڏونگر پايان ڏولي.
ويهان ڪيئن پنيور ۾، جو روح انهن سان رليو.
پرين پاڻج پانهنجا، جي ڪيئہ قول قرار.
مونکي محب ويوماري، ڪنهن درڏيان هي دانهڙي.
ڪيچي ويڙهہ ڪالهہ، آڻ ٿي ورهہ وسايان،
ٻوٽيون ٻتايم جن لئہ، آهي مولا ملايا
وريو ورق وصال جو، وائي هجر جي ويئي.
لڳو آهي دل کي ٻاروچل تنهنجو ٻاڻ.
سر پنهنجو سرتيون، گهوريو گهوريندياس.
شال نہ ڏکي کي ڏين، ڪنهن ڏوهون ڏوراپو.
ڪٽڻ وڻڻ نہ ٽئي، چرخو ڦيرائي پيڃان.
لڏم پير پنهونءَ جو منجهون گرد غبار.
اچي شال پنيور ۾، ٻاروچو ٻيهار.
ڏيئي دلاسا دل کي، تن ريهي روح رچايو.
آڻ ڪيئن ويهان ماڻ ڪري، سورن هت سجهايو.
راتو ڏينهان پنهنجي روح ۾، تنهنجا سوين ڪٽ ڪمائيان.
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، نينهن وارا هت نچن تا.
"سچو" سپرين لئہ ٿيون، جهوريءَ منجهہ جهجن.
ٻکي ڏين جي ٻاجهہ جي، تان جيءَ "سچو" جو جيئي.
منهنجو چت چريو ڪيو، هن نينهن جي نياپن.

[مارئي]

ههڙي وڇوڙي جي، ڪنهن سان ڪڙهيان ڳالهہ؟
ويئي آهيان واٽ تي، من اچو حال پڇن.

[مومل راڻو]

سڪ سوراخان مون ڪيا، هينڙي منجهہ هزار.
دل کي ديوانو ڪيو، ٻهڪڻ تنهنجي ٻاڻ.
وسي تنهنجي وره جو، بادل هت بسيار.
پايو پاند ڪچيءَ ۾، آڻ پيرين تن ٻوان.
ڏهاڙي ڏسڻ ڪئون، وار نہ پوندو ولو.

[جوڳ]

راتو ڏينهان روح کي، تنهنجي سار سنيار.

[مالڪوس]

ڏوهن "سچو" جن ڏي نہ ڏسو، هت تا سندو سڏايون.
مجلس محبوبن جي، ساعت ساعت ساريان.
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ڪانگ اڏايم ڪيئي.

ڏسو صفحو ۴۸

عبدالرسول قادري بلوچ

سچل سرمست جي زندگي هڪ نظر ۾

۱- فاروقي خاندان جي وڏي صحابي عمر فاروق جي شهادت ۱ محرم سنه ۲۴ هجري

۲- (سچل جو نسبي سلسلو ۳۸ پيڑهي ۾ عمر فاروق سان ملي ٿو)

۳- سچل جي خاندان جو پهريون بزرگ شيخ شهاب‌الدين (عمرفاروق جو پڙڏاڏو) سنڌ ۾ آيو بعد ۾ سيوهڻ جو حاڪم مقرر ٿيو، ۹۳ هجري

۴- شيخ شهاب‌الدين جي سيوهڻ ۾ وفات، ۲ محرم ۹۵ هجري

۵- شهاب الدين جي فرزند شيخ محمد فاروقي جي وفات، ۷ رجب ۱۲۴ هـ

۶- محمد فاروقي جي فرزند اسحاق فاروقي جي وفات، ۳۰ جمادي‌الاخر ۱۹۳ هـ

۷- اسحاق فاروقي جي فرزند شيخ محمد ثاني جي وفات، ۲ رمضان‌المبارڪ ۲۲۱ هـ

۸- سچل سرمست جو ڏاڏو محمد حافظ عرف صاحبڏنو چاڻو، ۱۱۰۱ هـ

۹- سچل جي مرشد عبدالحق جي فرزند سخي قبول محمد جي وفات تقريباً ۱۱۳۹ هـ

۱۰- سچل جي مرشد عبدالحق جي هي فرزند زين‌العابدين جي وفات، ۱۱۵۲ هـ

۱۱- سچل سرمست جي درازا ۾ ولادت ۱۱۵۲ هـ

۱۲- سچل جي والد ميان صلاح‌الدين فاروقي جي وفات تقريباً، ۱۱۵۸ هـ

۱۳- سچل کي درازا ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي دعا ڪئي ته اسان جيڪو عشق جو ڪنو چاڙهيو آهي، ان جو ڏيڪ هي چوڪرو لاهيندو تقريباً ۱۱۵۹ هـ

۱۴- سچل جي ڏاڏي صاحبڏني جي مرشد عبيدالله جيلاني، فاروقين جي مسند نشيني جو سلسلو درازن ۾ رکيو ۽ عبدالحق کي مسند نشين بنايو، ۲۱ رمضان ۱۱۶۴ هـ

۱۵- سچل جو دعاگو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وفات، ۱۴ صفر ۱۱۶۵ هـ

۱۶- سچل فارسي ۽ عربي علم ۾ فارغ‌التحصيل ٿيو، ۱۱۶۶ هـ

۱۷- سچل جي ڏاڏي صاحبڏني فاروقي جي وفات، ۱۱۹۲ هـ

۱۸- سچل زندگيءَ جا پنجاهه سال پورا ڪري سرمستي ۽ استغراق ۾ رهڻ لڳو، ۱۲۰۲ هـ

۱۹- سچل سرمست جو سچو طالب نانڪ يوسف چاڻو تقريباً، ۱۲۰۸ هـ

۲۰- سچل جي چاچي سهري ۽ مرشد عبدالحق فاروقي جي وفات، ۱۲۱۴ هـ

۲۱- مير رستم خان والي خيرپور سچل جي ڏاڏي صاحبڏني جو روضو ٺهرايو، ۱۲۲۵ هـ

۲۲- سچل جي پهرين استاد حافظ عبدالله جي درازا ۾ وفات، ۱۲۳۳ هـ

۲۳- سچل سرمست جي وفات، ۱۴ رمضان ۱۲۴۲ هـ

۲۴- سچل جي طالب يوسف نانڪ جي وفات، ۹ جمادي الاول ۱۲۶۹ هـ

۲۵- موجوده دور ۾ سچل جو سچو عاشق قاضي اڪبر درازي وصال ڪري ويو، ۱۴۰۱ هـ

رشيد پٽي

سچل ۽ علامتي اظهار

ادب ۾ خاص ڪري شاعريءَ ۾ علامتن جو استعمال هون ٽه ايترو قديم آهي جيترو احساس، جذبن، حسن، حقيقت خيال ۽ فڪر جي ترجماني پراڻي آهي، پر علامتي اظهار کي ادب ۽ شاعري ۽ فني خوبيءَ وصاف جي حيثيت اٺويهين صديءَ ۾ ملي. جڏهين نقادن ان تي لکڻ شروع ڪيو. عالمي ادب جي محققن ۽ مبصرن جو رايو آهي ته ان اظهار کي باقاعدي فرانسي اديبن ۽ شاعرن اٺويهين صديءَ جي وچ ڌاري استعمال ڪيو. جڏهين اتان جي صوفي شاعر پنهنجي تصوف جي خيالن کي علامتن رستي پيش ڪيو. ڪن نقادن جو چوڻ آهي ته سڀ کان اول آمريڪي اديب ۽ شاعر ايڊگرايلن پو علامتن يا (Symbal) کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو جو عرصو اٺويهين صديءَ جي وچ وارو هيو. اهو به رايو آهي ته پوءِ خود اهو اظهار جو طريقو آمريڪي ليکڪ واشنگٽن اورنگ کان اڌارو ورتو، جنهن ۱۸۲۰ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو. در اصل آهي امريڪي اديب به انگريزي زبان جي سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جي صوفي شاعرن کان متاثر ٿيل هيا. جن مان ڪولرج ۽ بلئڪ علامتي اظهار ۾ ڪافي تجربا ڪري چڪا هيا. بهرحال ۱۸۴۲ع فرانسيسي شاعر بودليئر ايلن‌پو کي فرانسيسي زبان ۾ ترجمو ڪري علامتي اظهار کي فرانس ۾ مروج ۽ روشناس ڪرايو. راسخ الاعتقاد طبقي جي تعزيرن ۽ تنگ نظرين کان بچڻ لاءِ مغرب جي صوفي شاعرن وحدت الوجود واري خيال کي پيش ڪرڻ ۾ علامتن ۽ اشارن جو سهارو ورتي اظهار جو اهو طريقو ايجاد ڪيو. اهڙا شاعري ٿي اتان جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو درجو ماڻي چڪي آهي.

اهڙيءَ ريت مشرقي شاعري ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو موضوع ۽ بنا ڪنهن اختلاف جي تصوف ۽ رومانس ٿي هيو. ان ڪري هتان جي شاعرن به ساڳئي طرح علامتي اظهار کي انهن جي نظرين ۽ رومانوي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني لاءِ پنهن جو ڪيو. سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ ان نقش ۽ رجهان تي اسري ۽ اپٽن ٿي. هت به شاعرن رومانس توڙي تصوف جي اظهار لاءِ علامتن ۽ اشارن کي استعمال ڪيو آهي. مشرق تصوف جا به مڪتب آهن هڪ راسخ الاعتقاد صوفي جي مذهب جي ظاهر کي به اهميت ڏين ٿا ۽ شريعت ۽ طريقت کي به لازم ملزوم سمجهن ٿا، انهن جو اڳواڻ امام غزالي رحه آهي. جنهن جا هن اپڪنڊ ۾ علمبردار علي بن عثمان هجويري عرف داتا گنج بخش رحه ۽ خواجه معين الدين چشتي رحه اجميري آهن. ٻئي مڪتب خيال وارا مذهبي ڪٽر پڻي کان پري آهن، مذهب جي ظاهر کان باطن تي واڌو زور ڏين ٿا ۽ وحدت الوجودي سڏجن ٿا. پوئين مڪتب تي هندي آريائي ويدانت جو گهڻو اثر ٿو ڏسجي. هن خيال جو باني بايزيد بسطامي آهي. جنهن جي خيالن تي ويدانت،

پنشدن ۽ ويدن جو بہ اثر آهي. اهو شايد ان ڪري جو هن تصوف جو علم سنڌي عالم ابو الاعلي سنڌي کان پرايو جو هتان جي مقامي ويدانتي اثرن کان عاري نہ هيو. سنڌ ۾ مذهبي معاملو ڪڏهين بہ ڪٽر پڻي ڪي نہ پهتو آهي. اسلام کان اڳ جو هندو مذهب بڌ ۽ جين ڏرم جي نظريہ جو نڏرانو ٿيو هيو. تہ پوءِ وري پڳتي تحرڪ جي نانڪ پنٿي هلچل کان اڳرئين ربت هتان

ڇو جو سنڌ ايران ۽ فارسي زبان سان وڌيڪ لهہ وچڑ ۽ تعلق ۾ رهي آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي دانشور، درويش ۽ صوفي ايران جي وحدت الوجودي تصوف کي ترت ۽ سولائي سان پنهنجو ڪيو ۽ اسان غزالي واري راسخ الاعتقادي نظرين واري تصوف کان پري رهياسين. اهڙي ريت سنڌ جي صوفي شاعرن احساسن، جذبن، خيالن، فڪر جي اظهار لاءِ بہ ايراني روايتن ٿي خوبين کي اختيار ڪيو، جن ۾ علامتي اظهار بہ اچي وڃي ٿو.

علامت ڇا آهي؟ علامتي اظهار ڇا آهي؟ احساس جذبي، فڪر، خيال، سچ ۽ بي حقيقت کي سمجهائڻ لاءِ عام وقتي ۽ جسماني شين جي تشبيهہ يا اشارو ڏيڻ کي علامتي اظهار چئبو آهي. ان خيال، فڪر يا حقيقت جو آر پار پروڙي انهن جي اونهاين جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ جنهن عام شيءِ جو مثال ڏجي ان کي علامت چئبو آهي. ڪنهن بہ شيءِ جي اصل نالي يا تفصيل بيان ڪرڻ سان ان ۾ ڪشش ۽ سونهن نٿي پيدا ٿئي. ان ڪري ان جي اظهار لاءِ علامت اشارو ڪتب آڻي ان بيان ۾ ڪشش ۽ سونهن پيدا ڪجي ٿي. ان ڪري علامت نہ رڳو هڪ موضوع خيال کي واضع ۽ چٽو ڪري ٿي پر ان کي قبول ۽ پرڪشش بہ بنائي ٿي. ان ڪري کي علامتون تہ ايترو مقبول ۽ دلڪش ٿي وڃن ٿيون جو انهن جي نالي اڇڻ سان ٿي سندن اصلي معنيٰ بجاءِ باطني ۽ اندروني معنيٰ اکيان اڇيو بيهي. چند ۽ گل جي معنيٰ محبوب ۽ پرين ٿئي ٿي. نانگ اڇڻ سان ٿي ڪينہ پروز ۽ خصومت واري انسان جو تصور اکين اکيان اڇيو وڃي. رات مان ظلم ۽ جبر جو دور آهي. صبح سان ان تاريڪيءَ جو خاتمو ۽ مطلب نڪري ٿو.

سنڌ، ۽ شاعري ۾ بہ علامتي اظهار ڪلاسيڪي رومانوي ۽ صوفياڻي شاعري سان وجود ۾ آيو. ان جي شروعات ۾ نيم تاريخي ۽ رومانوي داستانن ۽ انهن جي ڪردارن

ڪي علامت طور استعمال ڪيو ويو. مين عنايت ۽ شاهہ ڪريم بلڙي واري وٽ سان ٿي شاهہ لطيف وٽ اهو اظهار اسان کي پنهنجي عروج تي ملي ٿو. اهي داستان هونءَ تہ رومانوي ٿا لڳن، پر هر ڪهاڻي ۽ ان جا ڪردار پاڻ اندر گونا گون معنائون ۽ مطلب رکن ٿا. شريعت وارن لاءِ الڳ، تہ وحدت الوجود دين دار مجازي عشق واون لاءِ ان ۾ پنهنجي مطلب جي معنيٰ هوندي آهي، تہ ڪنهن آدرش يا سوچ ان سينڌ رکندڙ آهي سندن جذبن جي ترجماني انهن رومانوي داستانن کان سواءِ ڪلاسيڪي شاعرن، خاص ڪري شاهہ پيا بہ ڪيئي علامتي اظهار ۽ اشارا پيش ڪيا آهن. موڪي، متارا، سڏڙيا پتنگ، شمع، ڪاهوڙي، سوري، ويڇ آوي، آڪ، ساموندي، چرخو وغيرہ. اهي علامتون بہ ايترين ٿي گهرين، گهڻ معنيٰ ۽ مطلب واريون آهن، جيترو اهي لوڪ ڪهاڻيون ۽ انهن جا ڪردار علامتي اظهار ۾ سڄل پاڻ کان اڳوارن ڪلاسيڪي صوفي شاعرن جي تقليد ڪندو نظر اچي ٿو موضوع جي مناسبت سان هن اشارا ۽ علامتون بہ اهيءَ ٿي استعمال ڪيون آهن جي شاهہ وارن ڪيون هيون. سڄل نہ رڳو شاهہ جي بيان ڪيل سنڌ جي نيم تاريخي داستانن کي علامت طور استعمال ڪيو آهي ۽ هيون بہ ڪيترين ٿي شاهہ واريون علامتون ڪتب آنديون آهن، جهڙوڪ مچ، آڳ، ڪاهڙي،

جوگي، گهوٽ، سوري وغيره، ان کانسواه سچل ۾ نيون علامتون به استعمال ڪيون آهن، جي روماني موضوع واري شاعري ۾ آهن ۽ شايد فارسي شاعريءَ تان ماخوذ آهن. آهي آهن عقاب، شهباز وغيره.

شاهه ۽ سچل جي شاعريءَ جو موضوع جيتوڻيڪ ساڳيوئي تصوف وارو وحدت‌الوجود جو فڪر آهي، پر پنهي ۾ فرق نمايان آهي. شاهه ڪلاسيڪي، اونهو ۽ ملائم آهي. جڏهن ته سچل واضح، چٽو ۽ پاڪ آهي. هن اشاري ڏاران ۽ لڪ لڪاءَ بجاءِ ظاهر ظهور خيال جو اظهار ٿو ڪري. ان ڪري سچل ۾ اهو ابهام، علامتي اظهار ۽ اشاري جو اظهار گهٽ ٿو ملي جو شاهه ۾ آهي. تڏهن به سچل رومانوي داستانن ۽ انهن جي ڪردارن جو سهارو ضرور ورتو آهي. انهن داستانن مان هن سسئي پنهون جي قصي کي گهٽو ڳاهيو آهي. انهن علامتن تي هن پنهنجي مڪمل موضوع 'وحدت الوجود' جي عڪاسي ڪئي آهي. سسئي پنهون طالب ۽ مطلوب اصل ۽ اولڙو آهن. ڪيچ ۽ پنيور ساڳيءَ دلبر جو ديرو آهن.

آءُ پنهون پاڻ آهيان.

سڏ پئي مون سر اڏيءَ جي ڪيچ پنيور کي پانڌيان

ناهي هاروچو ڪو ٻيو، آهي اهو جو مان روز ڏسان ٿي.

ڏينس هاروچن ري پنيور کي باهيون.

سسئيءَ پنهون کانسواه سچل نوري جام تماچي، عمر مارئي ۽ مومل راڻي جا داستان به علامت طور ڳايا آهن. نوري جام تماچيءَ کي هن وحدت الوجود ۽ دين لاهه الله ۽ انسان طور اشارو ڪري پيش ڪيو آهي، ته راسخ العقيد انسان لاهه خدا ۽ رسول جي علامت طور، عمر مارئي داستان ۾ سرمست ساڳيوئي حب الوطني ۽ عوام دوستيءَ جو نظريو پيش ڪيو آهي. عمر ٻا مير ظالم جابر ۽ ڏاڍي حاڪم جي علامت آهن. مارئي محب وطن ڪردار آهي. ملير مان مراد وطن آهي، ته سانگيڙن ۽ مارن مان مراد عوام ۽ رعيت آهي،

جهڙي هيس ملير ۾ جي هت ٽيان تهڙي.
پر ڳالهه ڪريان ڪهڙي جو قابو رهيس ڪوت ۾،
ڏسي ڪيٽ ڪڻي وبا ماروئڙا ملير مان.
هت ريتي رهڻ ناهي ڪا، جاڻي هڪ ڏڻي،
جا عادت زور ظلم جي هيءَ حمير وڻي.
رعيت جي رنجڻ جي، متيس گهرج گهڻي،
هاڻي برسو هيءَ ٻڻي، سنگهارن تي سومرا.

مومل راڻي جي داستان ۾ سچل، داستان جي مڪمل ڪردارن بجاءِ بين ڪردارن کي علامت طور استعمال ته زور ڏنو آهي. اصل ڪردارن کي اجاگر ڪرڻ بجاءِ سرمست ڪاڪ مان مراد هيءَ مادي دنيا ورتي آهي. جي وسٽيءَ ۾ هڪ آدرشي، سچي ۽ ڪامل انسان جي وضاحت علامتي ڪردارن رستي ڪئي آهي. جي آهن: جوگي، ڪاپڙي، سناسي، ۽ آڏوتي وغيره. هڪ امل ۽ اتم انسان لاهه هن شاهين جي اشاري بجاءِ جوگيءَ جو اشارو ڪم آندو آهي. مايا جي موه ۾ نٽو اچي، جنهن کي پنهنجو ڪو مفاد يا مطلب نه آهي. انسان جي بهتري، پلائي ۽ آسودگي هن جا آدرش آهن. نيهن هنن جو نياپو آهي. دوئي سان هو دوبدو آهن زندگي قرباني هنن لاهه کا رڪاوٽ نه آهي. جوگي سچل جي باعمل آدرشي انسان جي علامت آهي.

جوگين آهي نه جنگ، هن سلوڪي سپ سين.

پورب پنڌ نہ آهي، ڪڏهين ڪاپڙين ڪي.

جت ماٺهن ميڙا ڪو ٽئي، سائي جوگين جوه

سهڻي ۽ سنگرام، سچا سنياسين ڪي.

سچل سڪ سبيل جيءَ ۽ جوگيڙن جي.

ابڙ ڪيائون پاڻ ڪي، پسڻ لاه پرين.

جوگي هر ڪو مرلي هٿ ڪري در در ڦيرا پايوئي.

منجهيان داڏو مانجهي هرڪو، ڪيڏانهن هلايوئي.

پنهنجي سرائڪي ڪلام ۾ سچل پنجاب جي مشهور رومانوي داستان هير رانجهي ڪي علامت طور ڪتب آندو آهي. ان جي مڪمل ڪردارن ۽ جاين ڪي هن 'وحدت الوجود' جي سمجهاڻي لاءِ علامتي اظهار درپيش ڪيو آهي. رانجهو ۽ ڪيڙو هڪ وجود آهن. تخت هزارا ۾ اهو آهي ته جهنگ سيال اهوئي وسي ٿو. هر جاءِ دوست جو ديرو آهي.

رانجهو ڪيڙا ڏونهي، تي مين آن، هير رهي وچ

ڪٽي ڪٽي،

جهنگ سيال ته تخت هزارا، ڏونهين ڏٺم اٽي اٽي.

ان کان علاوه سچل 'وحدت الوجود' جي فلسفي جي تشريح ۽ تفصيل بيان ڪرڻ ۾ پڻ به اشارا استعمال ڪيا آهن. مڇ ان آدرش ماڻڻ جو جذبو، ارادو، ۽ عزم آهي. اهڙي علامت اڻپ آهي. سوري ان لاءِ ڪٽڻي جي پوئلڳن طرفان مليل حد تعذير آهي. ڪهوڙ ۽ گل ان راهه جو پانڌيئڙو آهي. سچ سچ جي علامت آهي. شاهه جيان تصوف جي علامت طور هن بحر، سمنڊ وارن ڪي استعمال ڪيو آهي، جي بي انت ۽ بي پايان آهن.

مڇ مڇايو من ۾، هاڻ نہ ٻاهر وڃهن.

عاشق متون آهجي، اولارا ڏين.

ڪهوڙ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامون هل

هڻي حلاج ذرا سڌ سر جي جنهان سسئي ڪوڏ ڪپائهن

ٿج گلابي گل، مر مارئي منصور جهان.

تصوف واري شاعري کانسواه سچل جي رومانوي موضوع واري ڪلام ۾ اسان کي نيم تاريخي رومانوي داستانن کان سواه ڪي ٻيا علامتي اظهار بہ ملن ٿا. اهي اشارا ۽ علامتون سچي شايد پنهنجي فارسي زبان جي روحاني رهبر شاعرن تان ڪيون آهي. اهي علامتون آهن باز، مرغ مرغابي نازنين جي نيٽن جي وار ڪي سچو ۽ بازيا عقاب ۽ ان جي شڪاري خصلت کي علامت طور استعمال ڪيو آهي، ته مجروح دل کي مرغابي جي نانءَ سان سڏيو آهي. حسن ۽ عشق حملي کي باز جي وار تي عاشقي کي مرغ بسمل جي علامت سان ياد ڪيو آهي. سچل جي رومانوي بن ۽ احساسن جو اظهار داستانن کان علاوه انهن باز ۽ مرغ جي علامتن ۽ اشارن سان سهنگاريو ويو آهي. مثال طور چند مثال ڏئي مان هن مقالي کي طوالت ۽ وقت جي پابنديءَ سبب مختصر ڪريان ٿو:

محبت جو پيو باز جتي، مئو مرغ ادب جو اتي

عشق هي باز، اسان مرغابي پئي ٿان دست شڪاري دي

اکيان باز تي دل مرغابي، پئي وچ دست شڪاري دي.

ڏڏي ڪتاب

سنڌي

۱. شاهه لطيف جي شاعري: تنوير عباسي، شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي، ۱۹۷۶ع.

۲. رسالو سچل سرمست: مرزا علي قلي بيگ. هرسنگهه ڪتب خانو، سکر، ۱۹۰۲ع.

۳. رسالو سچل سر مست : عثمان علي انصاري ، سندي ادبي بورڊ ڪراچي ، ۱۹۵۸ع .

۴. سچل سر مست جو سرائڪي ڪلام : مولوي حڪيم محمد صديق رائيپور ، سندي ادبي بورڊ، ڪراچي ، ۱۹۵۹ع .

اڙدو

۱. سچل سر مست : محمد اسلم رسولپوري ، بزم ثقافت ملتان ، ۱۹۷۷ع .

۲. رسالو شاهه عبداللطيف : شيخ ايـاز ، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ، ۱۹۶۳ع .

۳. نئي تنقيد : صديق عليم ، سندي ٽـرانسليشن سوسائٽي گورنمنٽ ڪاليج، لاهور ۱۹۲۹ع.

۴. برصغير ۾ مسلم فڪري ارتقاء : قـاضي جـاويد ، اداره ثقافت پـاڪستان، لاهـور ۱۹۷۷ع .

1. Sind and its sufis : J. P. Gulraj (2nd Edt :) Sang - e - meal Publication, Lahore, 1979.
2. The Storey of Love : Tirathdas hotchand : Pardeep Publication, hyderabad, 1965.
3. Shah Abdul Latif of Bhit : H. T. Sorley : Oxford Press, London: 1940.
4. Edgar Allan Poe and others . Mauriee Buiden Jr : Libaral Arst Press New York, 1967.
5. A Dictionary of Philisophy : M. Rosenrhal & P. yaudin : Progress Publishers : Moseow : 1967 .

بقايا: گالهه ٻولهه

محاورن ۾ اصطلاحن جي آڏار تي چيل آهي جنهـن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس چئني ٻولين ۾ مهارت حاصل هئي. هونئن به هڪ "الهامي شاعر" ۾ اهڙيون خوبيون ۽ خاصيتون هونديون آهن. اهڙات به ڏاڏن پاران ان خاص بندن کي حاصل ٿئي ٿي ۽ تڏهن ته چيو ويو آهي ته "شاعري جزو است پيغمبري".

سچل سائين جو ڪلام جن ڪتابن ۾ ملي ٿو سي آهن رسالو سچل سرمست ، ديوان آشڪار ، ديوان خدائي ، راز نامه ، رهبر نامه ، گداز نامه ، وحدت نامه ، ساقي نامه ، عشق نامه ، درد نامه ، فارسي مثنويون ، سندي ڪافيون ، غزل ، دوهيڙا ، جهولڻا وغيره . مطلب ته سندي سرائڪي ، اردو ۽ فارسي ۾ سندس ڪلام جو وڏو ذخيرو آهي .

هر سال درازن (ضلع خيرپور) ۾ ٿي ڏينهن عرس ٿيندو آهي جنهن ۾ ادبي ڪانفرنس ، مشاعرو ۽ راڳ رنگ جو محفلون مچنديون آهن جتي سچل سائين جا عقيدت مند سچي سند ۽ هند کان اچي حاضر ٿيندا آهن .

سچل سائين جي ۱۶۵ هين عرس جي موقعي تي دستور مطابق سنڌ سرڪار جي اطلاعات کاتي پاران ماهوار پيغام جو هي خاص شمارو "سچل سائين" جي خدمت ۾ عقيدت جي نذراني طور پيش ڪري رهيا آهيون ، اُميد ته قبول پوندو ۽ سچل سائين جا شيدائي هن مان ڪجهه نه ڪجهه لاڀ ضرور حاصل ڪندا .

— ايڊيٽر

ترجمو: ڈاڪٽر عطا محمد حامي

گداز نامو

نوٽ:- سچل سائين جو گداز نامو نہ رڳو سندن حال ۽ قال جو هڪ داستان دل گداز آهي، پر انسان جي اصليت ۽ سندس فنا و بقا جو هڪ آئينو پڻ آهي. حامي صاحب سچل جي هن غير مطبوع فارسي ڪلام جو سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو ڪري، هڪ وڏي علمي ادبي خدمت سر انجام ڏني آهي.

جا بجا موجود آهي هڪ خدا
سر بسر مشهود آهي هڪ خدا

هر جڳهه تي آهي جلوو نما
ظاهر و باطن سندس آهي لقا

ان جو نور آهي زمين و آسمان
پاڻ ذاڪر آهي پنهنجي ذڪر سان

ڪائنات اندر خدا جي آهي ذات
بيون سيئي ان ذات جون آهن صفات

پاڻ ظاهر ۾ تي آيو مصطفيٰ
پر حقيقت ۾ اهو آهي خدا

پاڻ تي وينو شريعت جو ڏئي
خود بخود قرآن کي آيو ڪئي

هڪ مجمد ۽ احد کي چاڻجي
هن عقيدي ۾ نہ ڪو شڪ آڻجي

هڪ آڏل آئي انهيءَ درياهه مان
جنهن منجهان اسرار ظاهر ٿو ڪمان

ڪفتگو منهنجي نہ آهي ان جي آه
جستجو منهنجي نہ آهي ان جي آه

هن ڪتابت جي ڪيان ٿو ابتدا
جان و دل محبوب تان آهن فدا

هن جو نالو ٿو رکان نامہ گداز
جسم و جان ڪاري ٿو ان نامي جو راز

برف آڏو منهن ڪڍي ٿو آفتاب
سا ڳري پاڻي ٿي بڻجي پئي شتاب

اصل پاڻي هو اهو ٿي برف ٿيو
برف سان پاڻي ٻيو جو تو ڏنو

برف هٿي جيتر منجهس هستي رهي
پنهنجي هستي کي وڃائي اصل ٿي

ان ڳرڻ ڪانپوءِ نرالا ڪم ڪيا
فيض ان جي سان سوين سبزا ڦٽا

هو ڪڏهن پاڻي ڪڏهن ٿو برف ٿئي
اصل مان پيدا ٿو هرهڪ ظرف ٿئي

بند پاڻي آهي نوڪر جي مثال
آب جاري آهي رهبر جي مثال

برف ۽ پاڻي جو هڪڙو آهي حال
جئن قمر ۽ بدر جو آهي مثال

راه سولي ۾ فنا ڪر جسم و جان
هن جهانن ۾ ملي جئن تو کي مان

آهي بيشڪ عاشقن جو ڪم جلڻ
پنهنجي هستي کي جلائي ڇڏ سجڻ

ري جلڻ جي ڪين ملندين يار سان
ري جلڻ جي ڪين بڻبن رازدان

آب کان نڪري حباب آهي بڻيو
آب ۾ آهو ته آب آهي بڻيو

بحر ۾ آهو حباب ۽ لهر ٿيو
لهر مان ساڳيو ڦري ۽ بحر ٿيو

جي مٿو ٻاهر ڪندو بڻبو حباب
بحر ۾ هوندو ته رهندو فيضياب

نوڪر ۽ آقا جو فرق آهي اهو
کول عبرت جون اکيون ڪر غور کو

غرق ٿي توحيد جي درياه ۾
جڻن رسين الله جي درگاه ۾

عشق جي آڳاهه ۾ خود کي جلاءِ
ٿي چڙي ۽ مان باز پنهنجا پر هلاءِ

جهڪڙهن ڪجهه لوڻ پاڻي ۾ پوي
سو گهڙڻ کانپوءِ ڏس چا ٿو ٿئي

جي وڃي ٿي لوڻ جي هستي مري
خود بخود پاڻي ٿو بڻجي ان گهڙي

عبد جي معبود سان گڏجي وڃي
غير کان آجو ٿي حق بڻجي وڃي

جڻن سهاڳو ٿو ڪري چاندي صفا
تڻن ڪري ٿو عشق هي هستي صفا

تون سهاڳو جاڻ مرشد جي نظر
جنهن ۾ حق جو فيض آهي سربسر

تنهنجي هستي آهي چاندي جي مثال
عشق ۾ آهي سهاڳي جو ڪمال

جو خدا جي راهه ۾ ٿئي ٿو فنا
سو فنا مان ٿو ڪري حاصل بقا

اي سجڻ هن خاڪ جي پتلي کي گهار
عاجزي ڇڏ بي نيازي ۾ گذار

مرد هڪڙي کي پلو گهوڙو هيو
جنهن کي هو پاڻي پيارڻ ٿي وبو

جڻن جو دريا جي ڪناري تي ٻڌو
وهٽ کي پاڻي پياري خوش ٿيو

اوچتو گهوڙي کي لوڙهي لهر وئي
مرد جي ساري دنيا زهر ٿي وئي

غرق ٿيو دريا ۾ گهوڙو بيگمان
واڙو مالڪ ٿيو هن حال کان

پاڻ کي دريا ۾ اڇلياٿين ڪٿي
جڻن ڪيي گهوڙي کي پنهنجا هٿ هٽي

پر نه گهوڙي کي ٻڌو بيوس ٿيو
خوب غوطا ڪائي خود واپس ٿيو

ويڙهجي لهرين ۾ ويچارو ويو
هاه پنهنجي حال کان بيحال ٿيو

نيٺ غوطن ۾ سندس اک وٽي ڪلي
اوچتو هن هڪ پٿر جي پٺ ڏٺي

پٺ سموري سخت هٿي قلعي مثال
ان منجهان ڪنهنجو به نڪرڻ هو محال

ڪين نڪتو پٺ منجهان مجبور ٿيو
جسر ان جو ويو گهري وهلور ٿيو

ان جو سارو جسر پاڻي ٿي پيو
موج دريا ۾ وري مارڻ لڳو

ڪجهه ڏهاڙا هو رهيو هن حال سان
آب شيرين عام ٿي پٽو آتان

تن بدن ان جو گهري ۽ پاڻ ٿيو
سر فرازي کان تڏهن آگاهه ٿيو

آب جاري ٿيو انهي ديوار مان
جسم ٻيو پيدا ٿيو ان جاءِ تان

نام ٿي ويس بادشاه عارفين
سڀ سڏن پيا ان کي شاهه عاشقين

اي سڄڻ هن راز کان آگاهه ٿي
عبد جو اولو چڏي الله ٿي

فڪر سان حاصل سمورو حال ڪر
دور ساري غير واري قال ڪر

پنهنجي ساري جاڻ حاصل ڪر صفا
ڪير آهين تنهنجي هستي آهي ڇا

جسم جي چولي کي ڦاڙي دور ڪر
پاڻ کي تون هوبهو منصور ڪر

عاشقن جو شاهه سو منصور هو
عارفن جنهن کي ڪيو منظور هو

عشق جي سولي مٿان هسوار ٿيو
عاشقن جي صف منجهان نروار ٿيو

جنهن سمورا سير سلطاني ڪري
پاهر آندو عشق جي تلوار کي

ات هيا عارف بمع شبلي جنيد
ٿيا سيڻي حيران پاتائون نه پيد

شير دل آڻي وڏا واکا ڪيا
شاهه آڏو سڀ سپاهي ٿي لڳا

عاشقي جي راهه ۾ هن سر ڏنو
پنهنجي جسم ۽ جان کان آجو ٿيو

خاڪ واري جسم کان هو پاڪ ٿيو
آسمانن تي انهيءَ جو ٽاڪ ٿيو

ٽوڙ هستي کي رکي پنهنجي شناس
لاهه لحظي ۾ هي هانهپ جو لباس

پير هينان هي سيڻي عضوا ستي
رک قدم پنهنجا بقا جي ملڪ تي

صاف دل ٿي پاڪ رک پنهنجي نظر
يار کي ڏس غير کان دل دور ڪر

جسم کي چڏ دل جي اک بيدار ڪر
پنهنجي دل کي جسم کان بيزار ڪر

ديد پنهنجي ديد ان جي سان ملاه
دل ۾ ويهي پور دلبر جا پچاه

هي زمين ۽ آسمان ويا ميتجي
بيخودي سالڪ کي هن مستي ڏني

ڪر عدم جي بن ۾ هستي کي فنا
جٽن فنا کان پوءِ حاصل ٿئي بقا

ڪٽن ٽين ڪاغذ ۽ پاڻي ٻڌي ڪنا
هي گهري ۽ هو ڪري هن کي فنا

ڪر انهيءَ ڪاغذ کي پاڻي ۾ تباه
پاڻ تان هن جان تن جو بار لاه

بت بڌيو ڪاغذ ۽ پاڻي ذات حق
پير عبدالحق ٻڌايو هي سبق

عام رب جي راهه روزو ۽ نماز
خاص ڪن تا جان ۽ تن کي گداز

جان گهارڻ کان سوا ڇا حاصلات
جان گهارڻ سان ملي ٿي حق جي ذات

اي سڄڻ هن راهه ۾ ٿي وچ فنا
چڏ بلندي کي ۽ پستي کي صفا

در حقيقت آهي ڪاٿو جسم جو
روح جنهن ۾ آهي نوراني ڏيو

هي ڏيو ڪائي ۾ مخفي ٿو رهي
پڇ اهو ڪائو نہ سارو غم لهي

ٿي وڃي ظاهر هي روحاني ڏيو
دور ٿئي سارو هي جسماني ڏڇو

غور ڪر ۽ جاڻ هرهڪ رمز کي
ڪر تصور شاهه جو هستي ڇڏي

عبد جو قول آهي شاهه جو
عام ماڻهن واسطي آهي اهو

شاهه بيشڪ پاڻ کي ڀانهو سڏي
پر اسان جاڻون ٿا ان جي شان کي

ٻئي کي ڀانهي جي سڏڻ جي ڇا مجال
آهي بيشڪ شاهه اعظم با ڪمال

عارفن سمجهيو محمد کي خدا
ان جي خدمت ۾ ڪندا سيڪڇه فدا

جي پکي آني جي اندر ٿو رهي
سو هوا ۾ ڪٽ اڏامي ٿو سگهي

بعد مدت جي اهو آنو پڇي
پر هٽي پنهنجا اڏامي ٿو پکي

ڪٽ اڏامي ٿو هوا ۾ شاد ٿي
جٽ وڃي ٿو قيد کان آزاد ٿي

هر گهڙي جهڙي طرف ڏي ٿئي تيار
پل اڏامي ان جو آهي اختيار

ان جو آني ۾ ڪٽي پرواز هو
ڪٽ سندس سر، سوز ۽ آواز هو

اي سڄڻ هن جسم جي آني کي پڇ
عرش اعليٰ تي اڏامي جلد وڃ

مرغ آهين پاڻ کي آنو نہ جاڻ
ڪر يقين ۽ پاڻ کي جلدي سڃاڻ

بيخبر بٽجين ٿا آنو ٿي رهين
مرغ بٽجين جي خبر پنهنجي لهين

مرغ آهين ٿون جڏهن لاهوت جو
تو اچي هت آشيانو ڪٽن ڪيو

عرش اعليٰ جي مٿان پرواز ڪر
آشيانو ۾ وڃي آواز ڪر

ڇو وسارين ٿو بلندي جو مڪان
ڪٽن وٽيو تو ڪي هي پستي جو مڪان

هڪ جڳهه جنهن کي همالہ ٿا چون
جت پڇڻ انسان جو آهي ڪٽن

ات هميشه برف ايڏي ٿي وسي
جو نٿو ان جاه تي هرڪو رسي

جو هجي طالب اهو بيشڪ وڃي
اڳ ۾ ليڪن ڪوٽ هستي جو پڇي

پنهنجي هستي جا ڪيي ڏاڳا چڏي
عشق جي آئين تي پختو رهي

پاڻ ٿئي دنيا ۾ اهڙو پاڪباز
ہن جهاڻن ڪان رهي جٽن بي نياز

هڪ تڪو گهوڙو ڪيي بٽجي سوار
ٿيو همالہ جي طرف طالب تيار

ران هيڻان پنهنجي گهوڙي کي رکي
وبو گهوڙي ۾ برف جي پاسي وڏي

برف جي دريا ۾ آيو سر بسر
برف ڏاران ڪين ڪجهه آيس نظر

جسم ڳاري جان جاني سان گڏي
وبو گهري گهوڙي سميت ان جاه تي

فضل ڪر بندي مٿان بنده نواز
پنهنجي پيارن جي طفيل اي ڪار ساز

عاشقن جي صف ۾ شامل رک سدا
ماسويٰ کان بي نيازي کر عطا

اي سڄڻ هي راهه آهي پرخطر
پير ۽ سر کان سواه ٿيندو سفر

هت اچي ۽ جسر کي فاني ڪجي
پوءِ حاصل راز روحاني ڪجي

ڏس سپيءَ ۾ پنهنجو گهر موتي ڪيو
پنهنجي جوهر کي منجهس مخفي ڪيو

پڄ سپي ۽ هٿ ۾ موتي کر اهو
جلد ٻڌجي ويهه واپاري وڏو

هي سپي موتي ڇپائي ٿي ڇڏي
پنهنجي هٿ سان کر اهو بردو پري

بي بها موتي جو ملهه آهي اٿاهه
هٿ اچي توکي ته ٻڌجين بادشاهه

جسر تنهنجو پٽ سپي وانگر ٿيو
ٽوڙ ان کي فيض حاصل کر سگهو

ڪٿن ملي موتي سپي ٽوڙڻ بنا
پاڻ کي دوئي جا پردا تو ڏنا

ڇڏ هي فاني جسر ماڻي وٺ بقا
پنهنجي هستي کي وساري ڇڏ صفا

ڪٿن ٿو هستي ساڻ حاصل ٿئي خدا
ڇڏ اها هستي ته هو ناهي جدا

کر خدا جي راهه ۾ خود کي تباه
ويهه ٻڌجي دو جهان جو بادشاهه

جسر جي هرڪار کي بيڪار چاڻ
عاشقن کي صرف سولي تي سجاڻ

خاڪ جي کوزي ۾ پاڻي ٽو رهي
ڪٿن ٿئي ظاهر نه جي کوزو ٻڌجي

آب آهين پاڻ کي کوزو نه چاڻ
پڄ اهو کوزو حقيقت کي سجاڻ

جسر کوزو آهي پاڻي پاڪ ذات
ذات کي مخفي رکيو آهي صفات

پاڻ کي کوزو ٽٽائي تو ڇڏيو
خاڪ ۾ خود کي ملائي تو ڇڏيو

آب آهين تون نکر خود کي نه چاڻ
آفتاب آهين کر خود کي نه چاڻ

اڳ ۾ جيکو آب جاري ٿو رهي
سو قري از خود گڙو ٿي ٿو پوي

جي گڙي کي ٿي لڳي کوسي هوا
جهٽ گري ۽ آب ٻڌجي ٿو صفا

اڳ ۾ توڙي پوءِ پاڻي ٿو رهي
کا گهڙي ساعت هو صورت ٿو مٽي

اي سڄڻ کر جسر فاني کي فنا
جئن حقيقي ذات سان ماڻين بقا

پڄ ڪٽي هن جسر واري ڪوٽ کي
شاهه ٻڌجي وڃ ڇڏ هن اوٽ کي

شيخ جامي جئن ڏنو اسرار کي
جهٽ کيائين بند هر گفتار کي

اڳ لکيائين ٿي ڪتابن جا ڪتاب
پر ٿيس هاڻي سمورا بند باب

هن ڪتابن سان صفا ناتو ڇنو
ويو لڙهي پاڻيءَ ۾ ان جو هر ٻنو

شيخ کي حاصل ٿي حق جي آگهي
هن صفا دنيا جي هر لذت ڇڏي

پيو پٽو ان کي جڏهن الله جو
ٿيو وڃي طالب عبيدالله جو

ان جي ذات آهي ڪبي توڙي سڄي
هو ٿي آهي عرش ٿي ڇا فرش ٿي

عزم سان ڏس ڪوهه ڪٽڻ ٿو ڪوٽجي
اڻ ڏٺل پاڻيءَ کي ظاهر ٿو ڪجي

اکَ ۾ ڪيڄي ٿو متي کي سر بسر
پوءِ پاڻي ٿو اڇي سپ کي نظر

ان طرح سان غيب ٿي آڻي يقين
آب حاصل ٿو ڪجي کوڻي زمين

ڪر پري پردو متيءَ جو ڏس خدا
جسم جي اولي کي لاهي پس لقا

قارَ چادر کي ڦ ٿي وڃ بي حجاب
ابر ۾ آهي لڪل هي آفتاب

ڇڏ انهيءَ هستي کي حاصل ڪر خدا
پاڻ سان هر وقت واصل ڪر خدا

پاڻ کان ڪر دور هي ڪاري بلا
شهوت ۽ حرص و هوس واري بلا

جلد ماري ڇڏ هي شهوت جي بلا
تون متان ٽئين هن بلا ۾ مبتلا

ڪٽڻ هوا ۾ ٿي، هوا ڪافور ٿئي
جسم ڪافوري ٿو جهٽ پٽ دور ٿئي

ڪٽڻ هوا سان هيڪڙائي ٿو رکي
اي سڄڻ تون ڄاڻ هن اسرار کي

ذات بڻجڻ سان وڃن ٽيون سڀ صفات
جسم ڪان آجو ڪري ٿي جڳ ۾ ذات

مان نٿو ڪوسي پڌايان هي بيان
چو ته هت مجبور بڻجي ٿي زبان

مڃ نه مڃ منهنجو سخن آهي اهو
مان ٻڌائي ٿو ڇڏيان رستو سڌو

ديندار ۾ هيس سالن جا سال
هو سدا تسبيح ۾ منهنجو خيال

سر وظيفن ۾ ڪپائيندو رهيس
من کي مسجد سان ملائيندو رهيس

زهد و تقويٰ ۾ هيس شام و سحر
سوز و غم جي کين هئي مونکي خبر

بندگي حق جي ڪيم سالن جا سال
کين هو منهنجو رياضت ۾ مثال

مون ڪيو ٿي ذڪر اثباتي مدام
آفرين هر ڪنهن ڪئي ٿي صبح و شام

نيٺ ورتم پير عبدالحق جو در
جت ڪيم نيڪي بدي کي درگذر

بحر وحدت ۾ هٽايائين ٻيي
پوه بخشيائين هي دولت درد جي

مون ٿي ايڏي عشق جي امداد ٿي
دل جو ويرانو ويو آباد ٿي

ديندار جو ٿڏو پتجي ويو
مذهبن سان واسطو متجي ويو

هي مسلماني ڪٽي ڦ مان ڪٽي
يار جو حسن آهي هرهڪ جاءِ ٿي

هر طرح هستي جي سامان کي ڇڏيم
ڪفر ٽوڙي دين و ايمان کي ڇڏيم

دل الاهي عشق سان معمور ٿي
غير جو سودا ويو ڪافور ٿي

خاڪ جي پتلي جي هستي ٿي فنا
عشق سان هر چيز اڏري وئي صفا

عشق جو مهراڻ موجون ٿو هڻي
ان جي آڏو ڪير پنهنجو سر ڪٽي

موج خوني آهي بيشڪ بي پناهه
ڪير سر ڪوڙو ڪري ٿيندو تباهه

رت ۾ رڳجي تيز پاڻي ٿو رهي
پنهنجي خوني وهڪرن سان ٿو وهي

مون کي ان مهراڻ ۾ مرشد وڏو
غم لٿو نيڪي بدي ۽ جان جو

جسم جو پاندو تو جهڙ سان پگهو
هن ٽين مان جو هيو سو هُو ٽيو

ڪنهن کي ناهي منهنجي حالت جي خبر
ٽيا فنا اعمال منهنجا سر بسر

مون کي فرمايو هي منهنجي پيشوا
پير عبدالحق حقيقي رهنما

هن مٽي جي مٽ کي پيرن ۾ ڪري
هٽ ڪري وٺ جلدي حق جي ذات کي

خاڪ جي پتلي کي اڳ ۾ ڏي ڏکو
"مان اسان" وارو حجاب آهي وڏو

هڪ ٿي ويندا پاڻ ۾ ذات ۽ صفات
دور ڪر هر وهم کي رهم چپ چپات

آفتاب ۽ روشني کي جاڻ هڪ
پنهنجو جلوو ٿا پسائن پاڻ هڪ

جيڪو موجود آهي سو نابود ڪر
جيڪو نابود آهي سو موجود ڪر

پاڻ ماري پاڻ کي موجود ڪر
هوڏ هستي جو هجڻ نابود ڪر

هن فنا مان جلد حاصل ڪر بقا
وٺ مزو هن مٽي جو پس پنهنجو لقا

مهربانيون پير جون ڪهڙيون لکان
جنهن ڪيا ايڏا ڪرم منهنجي مٿان

جڳ ۾ اهڙو ڪير ٻڌجي ٿو سگهي
لامڪان تي جو رسائي ٿو ڇڏي

جسم و جان دين و دل کي هت ڇڏي
خاڪبازي کان مٿي ڪر پاڻ کي

لامڪان تائين وڃي پرواز ڪر
جٽن پوي هر راز جي توکي خبر

خاڪ جي هستي کي جلدي دور ڪر
پاڻ پنهنجو نور سان معمور ڪر

رک مٿي مخلوق کان پنهنجو خيال
عرش و ڪرسي کي ڪري ڇڏ پائمال

دار تي منصور جٽن هسوار ٿي
دم اناالحق جو هٽي نروار ٿي

جابجا تون ٿي ٿو ڏسجين سر بسر
تن بدن واري ڇائي دور ڪر

توئي ٿون آهين اکين آڏو سدا
پاڻ کي ڏس دور ڪر توئي صفا

جاڻ صورت کانسوا پنهن جو جمال
پاڻ جٽن حاصل ڪرين پنهنجو ڪمال

ڇڏ وڃائي پنهن جي هستي جو وبال
رک نظر ۾ صرف پنهنجو ٿي خيال

پاڻ کي پنهن جي نظر ۾ محو ڪر
جٽن ڏسين درگاه رب جي سر بسر

پٽ وري دل جي نگاهن جي دري
ماڻ ويهي دو جهان جي سروري

جسم کي گم ڪر نگاهن کي سڃاڻ
عقل ۾ ايندي نه هن معنيٰ جي جاڻ

گم ڪري ڇڏ خاڪ جي پتلي جو گوڙ
بحر وحدت جي ۾ ان کي جلد ٻوڙ

تنهن جي اندر جي اکين جي هر زمان
نور جو هڪ بحر آهي بي ڪران

بحر اعظم جو عجب آهي لقا
ان کي ناهي ابتدا ۽ انتها

پاڻ کي هن بحر ۾ داخل ڪري
ڪر فنا هن خاڪ واري جسم کي

بحر اعظم آهي بيشڪ بي ڪنار
ڪين ٿيندو ان جي موجن جو شمار

تنهن جي هستي آهي خيمو خاڪ جو
تون انهيءَ خيمي کي ڦاڙي ڪر ڦٽو

ان جي موجن ۾ جڏهن پهتو خيال
موج سان ٿي موج ويو منهنجو خيال

آهي ان خيمي جي اندر حق جي ذات
ڏس انهيءَ کي ڪر متيءَ جي مٽ کي مات

ان خيالي موج جو آهي لقا
جيڪا پاڻي ٿي وهي ٿي جا بجا

ڪر يقين ٻيو ناهي هو توکان سوا
پاڻ کي ڇاڻي سڃاڻي پس لقا

منهنجي اهڙي گردش احوال آه
حال کان باهر هي منهنجو حال آه

تون ڪڏهن اڏرين ٿو هڪ عرش تي
پر ڪڏهن ڦيرا ڏئين ٿو فرش تي

هن طرح ظاهر ڪيان ٿو حال کي
جئن پڇاڙيءَ جو پتو جڳ کي پوي

تون گداگر بادشاه ۽ تون وزير
تون ئي دربان تون ئي ٻڌجين ٿو امير

ناهي ٻيو ڪجهه بحر اعظم کانسوا
موج ۾ هڪ موج آئي ٿي صفا

جو ڪجهه آهين تون ئي آهين جا بجا
وچ ۾ آهي ڪين ٻيو توکان سوا

بحر جي موجن جي طغياني ڏسم
موج بنجي خود پريشاني ڏسم

جئن جو پنهنجا پر هلائي ٿو خيال
لامڪان تائين پڇائي ٿو خيال

هت مزو ۽ معرفت آهن مدام
جسم جو ۽ جان جو ناهي مقام

آهي موجان موج هر دم بحر ۾
سر بسر سالڪ لڙهي ٿو لهر ۾

ڪير آهي معرفت جي عيش سان
ڪنهن کي طاقت ناهي جو ڪولي زبان

زور سان هڪ موج باهر ٿي ڪديس
پي ڦڙ ماري تري ۾ ٿي هٽيس

هر گهڙي حيرت ۾ حيران ٿو رهان
لامڪان جو مرغ ٻڌجي ٿو آڏان

بحر سارو نور جو آڙاهه آه
ڪير ويندو جنهن کي پيارو ساهه آه

خاڪ جي پڇري منجهان نڪتس مگر
مان انهي حيرت ۾ آهيان سر بسر

جو وڃي ويجهو وڃائي پنهنجو ساهه
جان پنهنجي کي جلائي ٿئي تباه

مون اشارن ۾ گهڻو ظاهر ڪيو
پر نه سيڪو راز کي سمجهي سگهيو

هو ڪڏهن اندر ڪڏهن باهر وڃي
مون کي مرشد راهه ڏيکاري ڇڏي

جهٽ لڙهي لهرين ۾ ان جو سر وڃي
دل وٽي سينهي خيال تان ڪجي

منهنجو مرشد ٿو درازن ۾ رهي
پير عبدالحق هدايت ٿو ڪري

جيڪڏهن هڪ وار ڪو هن کي ڏسي
پاڻ پنهنجو پاڻ کان باهر رهي

هي خدائي دم غلامي جو پري
ان جي در جي خاڪ سرمو ٿو ڪري

ڇو نه جشن سان هواريان بارگاهه
مان سندس خادم هو منهنجو بادشاهه

پنهنجي هادي جي حڪايت چا ڪيان
ٿي نه سگهندو ان جي وصفن جو بيان

وٺ قلم ۽ بحر مس ٻڌجي پوءِ
پير منهنجي جي صفت پوري نه ڪن

ختم ٿي ويو خير سان نامه - گداز
درد وارن لاءِ ٿيندو دل نواز

هت قلم جو سر صفا ڪتجي ويو
جو لکڻ ۾ آيو سو لکجي ويو

بقايا: سيد غوث علي شاهه جي تقرير

مونکي ان گاله جو چڱي طرح احساس آهي ته اوهان وقت هڪ ڪلاڪ ۽ پنجيتاليهه منٽ مقرر ڪيو آهي ۽ مان ميمبرن جو وڌيڪ وقت وٺڻ مناسب نٿو سمجهان. مان انهن سڀني جو تمام ٿورائتو آهيان، جن مناسب مشورا ڏنا ۽ تنقيد ڪئي ۽ واقعن جي نشاندهي ڪئي. حڪومت انهن سڀني جو پورو پورو فائدو ونڊندي ۽ انهن جي روشني ۾ حالتن کي بهتر بنائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندي. مان، پنهنجي پارٽي ۽ مخالف ڌرجي ميمبرن جو به ٿورائتو آهيان. انجو ذڪر مان اڳ ۾ به ڪيو آهي ته هو اسان کي تمام سٺا موقعا فراهم ڪندا آهن. حالتن کي بهتر ڪرڻ جي نشاندهي ڪندا آهن. مان ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبار وارن جو به ٿورائتو آهيان، جن اسمبليءَ جي ڪارواين کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ سٽيون ڏهمتون سر انجام ڏنيون. آخر ۾ مان، اوهان (اسپيڪر) جو به دلي طرح مشڪور آهيان جنهن صبر سان اوهان اجلاس هلايو ۽ پنهين پارٽين کي موقعو ڏنو ته هو پنهنجا خيال ايوان آڏو پيش ڪن ۽ ايوان جي ذريعي، پنهنجي صوبي جي ماڻهن کي ٻڌائن ته انهن جا نمائندا، انهن جا مسئلا ايوان ۾ ويهي ڪري طئي ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪن ٿا.

مهرباني

حافظ ارشد انديڙ

وحدت الوجود

تصوف، منصور ۽ سنڌي شاعر

قسط - ۵

سڀ کان پهريون هي ٻڌڻ گهرجي ته "وحدت الوجود" جي مسئلي جي ۽ ان اصطلاح جي کاڻ وضاحت ڪري ڏيو آهيان، پر هڪ ڀيرو وري ضروري سمجهان ٿو ته هن مسئلي جي ڀيهر ڀٽار ڪريان، تنهنڪري سڀ کان موضوع کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ هڪ ساڳي شيء جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪيان ٿو:

"وحدت الوجود" جو مطلب سادن لفظن ۾ هي آهي ته "وجود" يا "هستي" صرف "واحد" آهي، باقي سمورو "عدم" آهي. "وجود واحد" (خدا تعالي) کانسواءِ ڪائنات ۽ جيڪي ڪجهه منجهس آهي ان جو ڪو به اعتبار نه آهي؛ ان جو ٻيو مطلب "همه اوست" آهي. ان ڳالهه مان معلوم ٿيو ته هي جهان ۽ جيڪي ڪجهه ان ۾ نظر اچي ٿو (ظاهري اکين ۾) اهو سمورو ماندائ ان "وجود واحد" جو جلوو آهي، انَ کان ڪا جداري شيء نه آهي. متين نظريي جي وضاحت حضرت ذوالنون مصري هن طرح سان ڪئي آهي، پاڻ فرمائين ٿا:

۱. خدا تعالي جي محبت آخرڪار انسان کي خدا تعالي سان ملائي ڇڏي ٿي. انسان، ذات خداوندي ۾ غرق ٿي وڃي ٿو، ان جي جند پنهنجي جان نٿي رهي، بلڪ خدا تعالي جي ذات جو هڪ حصو بنجي وڃي ٿي.

۲. فرمايائون التفكر في ذات الله تعالي جهل، والاشارة اليه شرك، وحقيقة المعرفة حيرة. يعني خدا تعالي جي ذات ۾ غور ڪرڻ جهالت آهي، خدا تعالي ڏانهن اشارو ڪرڻ شرڪ آهي (چو ته اشارو دوئي يعني هي ذات ڏانهن ڪبو آهي جيڪا پاڻ کان جدا هجي) ۽ معرفت جي حقيقت حيرت ئي حيرت آهي.

۳. ساٿهن ذوالنون مصري کان پڇيو ته "عارف" ڇا کي چئبو آهي. فرمايائون: عارف اهو آهي جيڪو علم، اکين، مشاهدي، ڪشف ۽ حجاب ڪانسواءِ ڏسي ٿو، هن ڪري ته هو ويجهو ٿو رهي، بلڪ خدا تعالي سان جڙجي وڃي ٿو، ان جي چرپر خدا تعالي جي حرڪت، ان جون ڳالهيون خدا تعالي جون ڳالهيون، ۽ ان جي نظر خدا پاڪ جي نظر بنجي وڃي ٿي. وحدت الوجود جي نظريي جي وضاحت حضرت بايزيد بسطامي هن طرح سان ڪئي آهي، فرمائين ٿا ته جڏهن مان نانگ واري ڪنجري لاهي بايزيد مان باهر نڪتس ته ڏٺم ته عاشق ۽ معشوق ٻئي هڪ ذات جا ٻه جلوا نظر آيا، چو ته توحيد واري حالت ۾ ته فقط هڪ ذات کي ئي ڏسي سگهجي ٿو. ان ساڳي مقام کي منهنجي ٻڌائي گهوٽ هنن اکرن ۾ بيان فرمايو آهي:

هي ٻئ ڪونهي هن ري، هي نه هُنهان ڌار،
"الانسان سري و انا سرة"، پروڙج پچار،
ڪندا ويا تنوار، عالم، عارف اهڙي.

ٻيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين کاڻ،
پنهون ٽيس پاڻ، سسئي تان سور هٿا.

عاشق چئو ٿو ان کي، ۽ کي چئو معشوق،
خالق چئو ٿو خالق تون، ۽ کي چئو مخلوق،
حلاج تنهن سلوک، جو ناقصان نگئو.

پاڻهين جل جلاله، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرين جي، پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سيوڻي حال، منجهان ٻي معلوم ٿئي.

ساڳيو مقام بايزيد بسطامي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي: "مونکي ڪيئي مقامات نظر آيا، پر جڏهن غور ڪيم ته پاڻ کي خداوندي مقام ۾ ڏٺم."

"مدت کان وڻي ڪعبة الله جو طواف ڪندو رهيس، پر جڏهن خدا پاڻ تائين پهچي ويس، ته ڪعبة الله پاڻ منهنجو طواف ڪرڻ لڳو."

حقيقت هي آهي ته جيڪو انسان پاڻ کي طاعت حق ۾ پکو ڪري ٿو ۽ پاڻ کي نيڪ عملن ۽ سنين خصلتن جو عادي بنائي ٿو، دنيوي عيش عشرت کان پري رهي ٿو، شهوات ۽ خواهشات کي قابو ۾ رکي ٿو اهو "مقربين" جي مقام تائين پهچي وڃي ٿو، جڏهن هو نفس جو "تزڪيو" گهٽي ۾ گهٽو ڪري ٿو تڏهن اهو مقام بشريت کان متي چڙهي وڃي ٿو ۽ جڏهن هن ۾ بشريت باقي نٿي رهي تڏهن هو الله پاڪ جي روح ۾ تحليل ٿي وڃي ٿو. ان تحليل جي باري ۾ پٽائي صاحب جن سُر سهٽي ۾ فرمايو:

جيارين سنيار، ڪٌ ڪريندم گڏجي،
ويروتار وجود ۾، پرين جي پچار،
سي سڄڻ هُون نه ڏار، جي هنئين ۾ حل ٿيا.

پوءِ هو مطيع مان ڦري مطاع ٿئي ٿو ۽ خادم مان مخدوم بڻجي ٿو، يعني هو روحانيت جون منزلون طئي ڪندي، ان مرتبي تي پهچي ٿو جتي هو اطاعت نٿو ڪري پر اطاعت ڪرايو وڃي ٿو. جيڪو هو ارادو ڪري ٿو سو ٿي وڃي ٿو. چو ته "مشيت الاهي" ان جي موافق بنجي وڃي ٿي هائي کو به قول يا فعل هن جو، هن جو نٿو رهي بلڪ خود خدا تعالي جو قول ۽ فعل بڻجي وڃي ٿو. محي الدين ابن عربي (٦٥٠ هجري مطابق عيسوي ١١٦٥ جي اسپين ۾ پيدا ٿيو. ٽيهارو سال اشبيليه ۾ رهيو، ٥٩٠ هجري ڌاري تيونس ۾ آيو، آٺ سال اتي رهي ٥٩٨هـ ڌاري اتان نڪتو مڪي شريف ۾ آيو، عراق ۽ شام ۾ ويو، پوءِ مستقل طرح سان دمشق ۾ سڪونت اختيار ڪيائين، ٦٣٨ هجري مطابق ١٢٤٠ عيسوي جي دمشق ۾ وفات ڪيائين) هن نظريي کي باقاعده فلسفي جي شڪل ڏني ان سلسلي ۾ هن جون به تصنيفات پوري اسلامي دنيا ۾ مشهور ٿيون هڪ "فتوحات مڪيه" ۽ بي "فصوص الحڪم" فصوص الحڪم ۾ ابن عربي وحدت الوجود جي نظريي متعلق تفصيلي بحث ڪيا آهن. (مولانا حامي شيخ اڪبر جي متعلق لکيو آهي ته هن پنج سو کان وڌيڪ ڪتاب تصنيف ڪيا آهن پر هڪ بي روايت ۾ محي الدين ابن عربي جون تصنيفات چار سو جي لڳ پڳ لکيون ويون آهن) ابن عربي جو توحيد خداوندي جي باري ۾ هي عقيدو هو ته "وجود" فقط واحد (هيڪڙو) آهي اهوئي موجود آهي مخلوقات جو وجود "عين وجود خالق" آهي، حقيقت جي لحاظ سان خالق ۽ مخلوق ۾ ڪو به فرق نه آهي، جيڪو شخص خالق ۽ مخلوق ۾ وچوٽي ۽ امتياز ڪري ٿو اهو هن حقيقت کان بلڪل بيخبر آهي جيڪا حقيقت خود ان جي پنهنجي ذات ۾ موجود آهي. ابن عربي جي نظريي موجب عالم (جڳ جهان) ۽ خدا پاڪ جو تعلق عيني آهي يعني هو بئي هڪ ٻي شيءِ آهن ان دعويٰ جي ثبوت ۾ شيخ ابن عربي ان عينيت کي ثابت ڪرڻ لاءِ يا ته هو "وجود عالم" جو بلڪل انڪار ڪري ٿو يا خدا جي ذات جي اثبات ذريعي

"عينيت" کي ثابت ڪري ٿو ، پهربن صورت ۾ يعني ته "عالم جو وجود" بلڪل آهي ئي ڪونه، متعلق فرمائين ٿا، ته هن جهان جو وجود بلڪل خالي ساتر، وهمي، خيالي ۽ غير حقيقي آهي، يعني جهان باطن ۾ ته ڪجهه به نه آهي، پر ان جي حقيقت بلڪل ظاهر ۾ معلوم آهي، هي پورو مانڊاڻ فقط سراب، رڃ ۽ نظر جو ڏوکو آهي، جو ته هو فرمائيندا هئا، ته الاعيان ما شمت راتحة الوجود (يعني هوندڙ شين سچ پچ ۾ هجڻ جي بوءِ به سُنگهي آهي) پي صورت ۾ يعني خدا جي اثبات متعلق فرمائيندا هئا ته "عالم (يعني هي جنسار) ئي خدا آهي، اها ان ذات واحد جي ئي تجلي آهي، هن ذات ان انداز ۾ ئي پنهنجو اظهار ڪيو آهي، وحدت ڪلي طرح سان ان جي تجليات ۾ گم ٿي وئي آهي انهن تجليات کان هٽي ڪري وحدت جو ڪو بيو وجود آهي ئي ڪونه، فرمائيندا هئا ته "ما بعد هذا الا العدم المحض" يعني انهن تجليات کانسواءِ بيو جيڪي ڪجهه به آهي، سو محض عدم (نه هجڻ) آهي ان ڪري "سالڪ" لاءِ ان جهان کانسواءِ خدا جي ڳولا بلڪل بيڪار آهي، ان دعويٰ جي ثبوت ۾ هن آيت جو حوالو ڏيئي فرمائيندا هئا ونحن اقرب اليه من حبل الوريد (۽ اسان ان کي شهه رڳ کان به وڌيڪ ويجها آهيون). هن آيت سڳوري مان واضح آهي ته خدا تعالىٰ پنهنجي سر پاڻ ڀانهي جا عضوا، بت ۽ بدن آهي. هن حديث جو حوالو ڏيندي فرمائيندا هئا: خلق آدم علىٰ صورته (آدم کي پنهنجي ئي صورت مطابق بنايائين) يعني ته انسان ۾ سموريون خداوندي صفتون موجود آهن ۽ حقيقت ۾ اهي خدا پاڪ جون ئي صفتون آهن جيڪي ڀانهي جي روپ ۽ رنگ ۾ اڇي ظاهر ٿيون آهن، ان لحاظ کان انسان گويا ڪ صفات الاهي جو مجسمو ۽ پيڪر آهي. ان نظريي جي هڪ ڪڙي "انسان ڪامل" آهي، صوفين جو عقيدو آهي ته انسان جو روح رباني آهي، انسان ان متي پاڻي جي دنيا ۾ رهي ڪري لڳاتار "مجاهدو" ۽ محنت جي ذريعي ذات خداوندي تائين پهچي سگهي ٿو يعني ذات خداوندي سان اتحاد ۽ اتصال قائم ڪري سگهي ٿو. پين لفظن ۾ "مجاهدي" سان مڪاشفي (حقيقت جي ظاهر ٿيڻ تائين) پهچي سگهي ٿو، ۽ اتان ترقي ڪندي "انسان ڪامل" جو مرتبو ماڻي ٿو ۽ پوءِ هو صحيح معنيٰ ۾ خدا جو خليفو ۽ نائب بنجي وڃي ٿو، ان جي وجود سبب ئي خلق تي رحمت نازل ٿئي ٿي ۽ هو هن حديث شريف جو مصداق بنجي ٿو. لولاک لما خلقت الافلاک. (جيڪڏهن تون نه هجين ها ته آسمانن کي هرگز نه پيدا ڪيان ها) پوءِ ان جي رضا خداوندي رضا بنجي وڃي ٿي. اول ما خلق الله نوري (حديث) ان مان پڻ معلوم ٿئي ٿو ته تخليق ڪائنات جي علت حقيقي (پڪو سبب) حقيقت محمديه آهي. جيئن سموري ڪائنات ۾ انسان اشرف المخلوقات، في آحسن تقويم، فتبارک الله آحسن الخالقين (القرآن) ۽ اشرف ۽ اڪمل آهي، تيئن پاڻ سڳورا به سموري انساني ذات ۾ سڀ کان وڌيڪ اشرف ۽ اڪمل آهن. ۽ پاڻ ئي اصل ۾ "انسان ڪامل" آهن. پين ڪي اهو شرف آنحضرت ﷺ جي طفيل ئي مليو آهي. ابن عربي ان حقيقت کي "حقيقت الحقائق" به ڪري سڏي ٿو، ۽ وڌيڪ چوي ٿو ته انسان ڪامل ئي حقيقت جو مظهر آهي. هو ڪائنات جو نچوڙ ۽ خلاصو آهي، جنهن ذات ۾ صفات خداوندي اولڙو ڪن ٿيون. جيئن "حقيقت محمديه" ڪائنات جي بناوٽي حقيقت آهي ان طرح سان "انسان ڪامل" به تخليق ڪائنات جو سبب آهي. هڪ پي هنڌ ابن عربي فرمائين ٿا ته انسان جو هي نندڙو ۽ مختصر

بوتو صورت ۽ خدا ۽ صورت عالم پنهي کي يڪجا ۽ گڏ ڪري گهمي ٿو، انسان ٻي اها اڪيلي ذات آهي جيڪو خدا جي ذات ۽ صفات کي پاڻ سان گڏ ڪري گهمي ۽ ڦري ٿو جيئن فرمايو ويو: و في انفسکم افلا تبصرون ۽ پوء خدا تعالي اوهان جي نفسن ۾ به جلواگر آهي پوء چو نه ٿا ڏسو جيئن انسان پنهنجي هستي ۽ بقا لاء وجود خدا کي لازم ۽ ضروري ٿا ڄاڻن خدا تعالي به پنهنجي وجود جي ثبوت ۾ انسان جو محتاج آهي نه ته هو پنهنجي هستي ڪيئن ۽ ڪنهن جي اڳيان ظاهر ڪندو. وحدت‌الوجود جي نظريي جو پرچارڪ فارسي ٻولي جو سڀ کان وڏو شاعر مولانا جلال‌الدين رومي (پيدائش بلخ شهر ۾ سن ۶۰۴ هجري ۱۲۰۷ع ۽ وفات قونيه ۾ سن ۶۷۲ هـ ۱۲۷۳ عيسوي جي ڪيائون) پڻ آهي هن به پنهنجي مثنوي ۾ ان نظريي جي تبليغ ۽ تشريح ڪئي آهي هو خاص ڪري سن ۶۴۲ هجري ڪان جڏهن مولانا رومي جي ملاقات شمس تبريز سان ٿي، ان نظريي جو وڏيڪ پرچارڪ ٿي ويو، ابن عربي جو ته اڳ ۾ ٿي وڪيل ۽ معتقد هو پر شمس تبريز سان ملڻ کانپوء هن جي شوق جي چٽنگ مچ جي صورت ۾ بري پٽي ۽ پوء پوري شد مد سان وحدت الوجود جي نظريي متعلق خيالن جو اظهار ڪيائين هڪ هنڌ فرمائين ٿا:

ماچو چنگيم و تو زخمه ميز ني،
زاري از ما ني تو زاري مي ڪني.

انسان ته چنگ وانگر آهيون ۽ تون تارون ڇيڙين ٿو، آواز انسان مان نڪتو ذڪري تو مان ٿي نڪري ٿو.

ما چو نائيم و نوا در ما زست،
ما چو ڪوهيم و صدا در ما زست.

انسان شرنواه وانگر آهيون ۽ انسان ۾ آواز تنهنجي ڪري آهي انسان ته پهاڙ آهيون ورڻاڏو تنهنجو ئي گونجي ٿو.

ما ڪه باشيم، اي تو مارا جان جان،
تاڪه ما باشيم با تو درميان.

انسان جيڪڏهن آهيون ته اي جان جان تنهنجي ڪري ئي آهيون ۽ تو ۾ ئي آهيون

عدم نهائيم، و هستي هاء ما،
تو وجود مطلقي فاني نما.

انسان جو هجڻ ته نه هجڻ آهي ۽ تنهنجو هجڻ حقيقي آهي فقط ڏسڻ ۾ فاني لڳي ٿو.

باد ما، و بود ما از دادست،
هستي ما جمله از ايجادست.

انسان جو مدار ۽ هستي تنهنجي عطا ڪري ئي آهي ۽ انسان جي جند تنهنجي ايجاد مان ئي وجود ورتو آهي.

لذت هستي نمودي هيچ را،
عاشق خود ڪرده بودي نيست را.

ناچيز ڪي ته هستي جو روپ عطا ڪيو ۽ پنهنجو عاشق ته نيت ڪي بنايو.

تو ز قرآن باز خوان تفسير بيت،
گفت ايزد، "ما رميت از رميت"

قرآن مان هن آيت جو تفسير چگي طرح پڙهه جو خدا پاڪ فرمايو "ما رميت از رميت"

وجودي عقيدي جو مرڪزي تخيل ۽ مڪمل عروج انسان ڪامل آهي، سمورين صوفين "انسان ڪامل" جي اصلاح کي خوب بيان ڪيو آهي ۽ ذات مصطفوي ﷺ کي ان جو مفهوم بنايو آهي، مولانا رومي به توحيد خداوندي جي ان عاشقانه عقيدي کي هنن بيتن ۾ بيان ڪيو آهي فرمائين ٿا:

جمله ارواح در تدبير اوست،
جمله اشياء در تائير اوست.

سڀ روح ان جي تدبير ۽ تصوف ۾ آهن سمورين تشبيهن ۾ انجي تاثير نمايان آهي.

بلڪ والي گشت موجودات را،
بي گمان و بي نفاق بي ريا.

اهو انسان ڪامل موجودات جو مالڪ آهي ان ڪائنات ۾ نه ته ڪو گمان ۽ شڪ آهي ۽ نه ئي منافقي ۽ ريا رکان ٿو.

بي مثال و بي نشان و بي مڪان،
بي زمان و بي چنين و بي چنان.

اها هستي بي مثل، بي نشان ۽ لامڪان آهي نه اها زماني جي محتاج آهي ۽ نه ئي اسبابن جي محتاج آهي.

بي شڪال اندر سوال و در جواب،
دم مزن و الله اعلم بالصواب.

ان سوال ۽ جواب ۾ ئي نه پوُ ان حقيقت جو ڦورو ئي قولهه الله ئي ان حبيب جو راز پاڻ ٿو چاڻي.

ان پوري علمي بحث ۽ تفصيل جو نچوڙ هي آهي "وجود" فقط هيڪڙو آهي، باقي هر شيءَ عدم (نه هجڻ يا معدوم) آهي يعني خدا پاڪ ئي ڪائنات، ۽ ڪائنات ئي خدا آهي اذڪري انسان جي زندگي جو مقصود ۽ انجي پوري حياتي جي محنتن جو نچوڙ، اهو هئن گهرجي ته هو پنهنجي هستي ۽ ذات کي "وحدت" جي درياه ۾ گم ڪري ۽ ان حقيقي وجود کي ڳولي لهي. ان مضمون کي سنڌ جي منصور سچل جي مريد نانڪ يوسف هنن بيتن ۾ بند ڪيو آهي.

عاشق ان احوال ۾ ناهي تفاوت قر،
خلق الاشياء فهو عينها، پاڻئون سڃاڻج هر.

دل ڏي ديوار مون، وٺي نانءَ نگر،
ڳالهه سچي سچ يار جي، عاشق نه پائنج ار،
آهي منجهي ۽ مر، نانڪ يوسف يار جو.

عاشق ۽ معشوق جو، آهي ياراڻو هڪ،
آيو عاشق نانءَ ۾، خود ڪري لڪوئي لڪ،
تان ويهي مور نه روڪ، ڪر يوسف نالان نينهن جون.

هستي ۽ وجود ڪي، وجود حقيقي ۾ سموئڻ ۽ گم ڪرڻ متعلق نانڪ يوسف هن طرح سان فرمائي ٿو.

محبوبن جي مهر ۾، عاشق سدا بهار،
پرين هيئن فرمايو "ونگو نه تن جو وار"
حاضر ناظر آهيون، هت هت نور نظار،
"وهو معڪم اينما ڪنتم" دل ۾ پس ديدار،
گم ڪر هستي حال ۾، عشق سندو اسرار،
يوسف سچو يار، سو جو پاڻ ئي نه چاڻيندو.

وجودي توحيد جي عقيدي ۾ گهٽا وجود مڃڻ "لا اله الا الله" جي عقيدي جي نفي آهي ۽ خدا جي ذات کان سواه ڪنهن به شيءَ کي موجود مڃڻ شرڪ آهي، ان عقيدي موجب مان تون ۽ هي ٻيو جيڪي نظر اچي ٿو سو اهو سڀ ڪجهه ان حقيقي وجود جو اولڙو آهي ان جي حقيقت کان نه آهي اهو بس فقط پاڇو آهي جيئن پاڇو پنهنجي وجود ۽ ظاهر ۾ حقيقت ۽ اصل شيءَ جو محتاج آهي تيئن هي پوري ڪائنات به ائين آهي، تنهن ڪري نانڪ يوسف به سچل وانگر مان ۽ تون جي نفي ڪندي فرمائي ٿو:

مان مان، تون تون ۾، توهين توهين تار،
ملڪ فلڪ آ خلق ۾، گويا تو گفتار،
يوسف سمجهو يار، توهئون توکي تو پرين.

نانڪ يوسف چويٺو ته هي سڀ ڏيک ۽ جلوا سڀ سندس ئي آهن هر ڪنهن ۾ پاڻ ئي پاڻ آهي جيڪي ڪجهه نظر اچي ٿو سي سڀ پرين جون مختلف شڪايون ۽ جدارا روپ نظر اچن ٿا، اهي نظر اندر سڀ

وجود وهمي، خيالي ۽ عدم محض آهن انهن جا فقط جلوا ٿي جلوا آهن جيڪي حقيقي وجود جو پاڇي جي اولڙي وانگر ڏس پئو ڏين ٿا ۽ نشان دهي ڪن ٿا. چوي ٿو:

پنهنجا حڪر پاڻ ٿو هلائين، يار آڻ تہ ناهيان و ڇ ر،
ڪاڏهن آدم، شيث ۽ يونس، عشق زليخا ڪاڏهن يوسف،
سڀ ڪيڏون پاڻ ڪيڏائين.

ڪفر ر ڪٽ ڪافر ڪارو، ڏوهه ثوابن ر آ نيارو،
سڀ راندیون يار رسائين.

ملان ٽيڙو ڪاڏهن قاضي، عاشق در درازي،
ٿو سو سوري سر چڙهائين.

بحر توحيد ر گم ٿيا سي، درد دلبر در پياسي،
مون پير مغان پرجهائين.

نانڪ يوسف نالو چالو، مرشد مولا نور نظارو،
ٿو پنهنجي توهه لڳائين.

۽ صفات جي ان جلوي ۽ ظاهري ظهور کي سچل سرمست جي هڪ بي عقيدت مند فقير خوش خير محمد هيسباڻي هڪ ڪافي ر هن طرح سان بيان ڪيو آهي:

هستي ڪهڙي حيران- ڪئين جسر ڪئي اوٽ اسر کي.
ونحن اقرب پاڻ ڄڻائين - احيان تڪين آسمان،
اوڪا چڏ ان ريت رسر کي.

و في انفسڪم سمجهه اشارو- اهو اٿي عنوان،
طالب گم ڪر هر طلسر کي.

ذات صفات ر آهي رل مل، صورت جو سلطان،
الف گم جيئن پيچ بسر کي.

خوش خير محمد هرحال ر حاضر- ائين آهي انسان،
ڪير صحيح ڪري هن قسر کي.

علم ڪلام ۽ فلسفي جي ايڏي اهر،
ڏڪي ۽ نازڪ مسئلي کي جنهن جي بيان ڪرڻ لاه محي الدين ابن عربي، عبدالڪريم جيلي ۽ غزالي جهڙن علامن ڪيترا ورق ڪارا ڪيا آهن. سچل جي هن طالب خوش خير محمد هيسباڻي، ان کي ٻن لفظن ر بند ڪيو آهي (جسر اسر کي اوٽ ڪئي آهي) يعني ڪائنات ۽ موجودات لاه پنهنجا پنهنجا مختلف روپ، رنگ ۽ جسر ڏاري ان حقيقي اسر (يعني ذات باري تعالي) کي اوٽ ڪئي آهي. اسان جو پلارو پٽ ڏٽي مولانا جلال الدين رومي جو زبردست عقيدت مند، ان جي خيالن کان متاثر ۽ انجي مثنوي کي فارسي ر قرآن سمجهي ٿو. پنهي جو نڪتہ نظر هڪ آهي ٻئي توحيد وجودي جا قائل آهن ۽ پنهي کي "هم کي حق چوين" جي پچار آهي، پر مان تہ ائين چوندس تہ شايد حضرت پٽ ڏٽي مولانا رومي کان ٿي متاثر ٿي ڪري وجودي ٿيو هجي تہ بہ ٿي سگهي ٿو. مولانا رومي پنهنجي مثنوي جي "دفتر اول" ر هڪ هنڌ توحيد وجودي جو اظهار انهن لفظن ر ڪريٿو.

کل شيء ماخلا الله باطل- ان فضل الله عينم هاطل
گر هزار انند يک تن بيش نيست-
چون خيالات عدد اندیش نيست،
اصل بيند ديد چون اکمل بود-
فرع بيند ديد چون کم مرد احول بود،
اين دوئي او صاف ديدهٔ احول است-
ورنہ اول آخر، آخر اول است.
بحر وحدانيت جفت و زوج نيست-
گوهر و ماهيس غير موج نيست.

يعني خداه بزرگ و برتر جي ذات بابرڪت کان سواه ٻيو سڀ ڪجهه باطل، ڪوڙو ۽ تہ هجڻ جهڙو آهي، جنهن جي نظر سلامت آهي انکي تہ هڪ هڪ ٿي

نظر ايندو پر جيڪڏهن کو "تيڏو" آهي تہ انکي ٿي ئي نظر ايندا. دوئي تيڏي کي ئي نظر ايندي ڇو تہ انجي اکين ۾ ڦير آهي نہ تہ حقيقت هي آهي تہ جيکو اول آهي سو ئي آخر آهي ۽ جيکو آخر آهي سو ئي اول آهي هي اڪي ۽ ٻڌي جيکا نظر اچي تي سا فقط "عيني" آهي يعني اکين ۾ ئي نظر اچي ٿي ان کان مٿي انجي کابہ حقيقت نہ آهي. هڪ ٻي هنڌ مولاہ روم مثال ڏيندي واضح ڪن ٿا تہ اکين ۾ تہ ائين نظر ايندو آهي تہ لوح ۽ باهہ ۾ جدا جدا شيون آهن پر جڏهن لوح کي باهہ ۾ وجهبو آهي تڏهن سڌ پوندي آهي تہ نہ بيلي نہ هي تہ هڪ ئي هڪ آهن، جيکڏهن کنهن کي شڪ هجي تہ اهو ان تتل ۽ ڳاڙهي ٽيل لوهہ کي هٿ لڳائي تہ هن جا ٻئي طبق روشن ٿي ويندا. ٽيبل ۽ ڳاڙهي لوهہ کي جيکڏهن هاٿي باهہ کڻي سڏجي تہ بہ بيجا نہ ٽيندو ٻئي سازي رهيا آهن ۽ ٻئي چيون اٽارين پيا، مولاہ روم فرمائين ٿا:

رنگ آهن محو رنگ آتش است.
ز آتشي ميلافد وخامش وش است،
چون بسرخي گشت همچون زرکان.
پس انا النار است لافش بي زبان،
شد ز رنگ و طبع آتش محتشر.
گويد و من آتشم من آتشم،
آتشم من گر ترا شک است ظن.
آزمون کن دست را بر من بزن،
آتشم من بر تو گر شد مشتبہ.
روه خود بر روه من يکدم بن،
آدمي چون نودگيرد از خدا.
هست مسجود ملائک ز اجتبا.

وحدت‌الوجود جي ان ساڳي مسئلي کي مولانا رومي جي انداز کان ٿورو مٿي ڪري اسان جو حضرت پٽ ڏٽي وري ڪنهن ٻي رنگ ۾ پيش ڪري ٿو، قصو ساڳيو لوهہ، باهہ، ميچ لوهارن ۽ سانداڻين جو آهي پر اکر ٻيا ٻيا آهن ۽ تشبيہ جو انداز جدا جدا ٻيو لڳي پر ٻئي مسئلي ساڳي کي بيان ڪري رهيا آهن.

چڑهيو چڪاسن چاهہ، آڳ هرندي آئيا،
وهسن واڙي ڏل جيئن، محبتي ميچ لاهہ،
آٽي پاڻ اڙاهہ، ڪٽي ڪوري وچ ۾.
(يمن ڪلياڻ)

جي تتو تن تنور جيئن، تہ چندي ساڻ چماهہ،
آٽي آڳ ادب جي، ٻاري جان جلاهہ،
لچڻ لئو لطيف چئي، پڌر هڏ ۾ پاهہ،
متان لوڪ لکاهہ، وصالا وچ ٻئي.

ايران جو مشهور شاعر، جنهنجي "ديوان" مان ماٺهو فال ڪيندا آهن، خواجہ شمس‌الدين محمد، يعني حافظ شيرازي، سندس شاعري، ايتري بلند ۽ فلسفيانہ آهي جو ماٺهن هنجي ڪلام کي الهامي آواز تسليم ڪيو آهي ۽ ڪيس "لسان الغيب" يعني غيبي آواز جي لقب سان نوازيو آهي (پيدائش ٧٢٦هـ ١٣٢٦ع شيراز ۾ ٿي ۽ ٧٩١ هجري ١٣٨٩ع ۾ وفات ڪيائون، شيراز جي ٿورو باهر مدفون آهن) خواجہ صاحب بہ محي‌الدين العربي جي فڪر کان ۽ نظريي کان متاثر ٿيو ۽ صوفين جي ان رندي گروه سان واسطو رکيائين، جنهن کي وجودي ڪوئيو وڃي ٿو. خواجہ حافظ پنهنجي جادو بياني سان ۽ جنهن اثرائتي نموني سان "وحدت‌الوجود" جي نظريي جي طرفداري ڪئي، ان هڪ پيرو دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو ڇو تہ هنجي ڪلام ۾ جادو جو اثر هو ۽ هنجي شاعري اعليٰ معيار تي پڌل هئي، جنهن سبب ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ واقعي دنيا آها دنيا جنهن ۾ اسين

رهون ٿا، زمين جنهن تي گهمون ڦرون ٿا ۽ آسمان جنهن جي ڦيري چت هيٺ وسون پيا شايد آهن ئي ڪوڙ شايد اسان جي نظرن جو ڏوڪو آهي- ظاهر ۾ جيڪي ڪجهه نظر اچي ٿو شايد نظرن جو فريب آهي، "وجود" فقط "واحد" آهي ۽ اهو خداه مطلق جو ئي آهي باقي هم هيچ پيو لڳي- حافظ شيرازي فرمائين ٿا:

نه بندي زان ميان طرفي ڪمروار-
اگر خود را بـــ بيني درميانه-
ندين و مطرب ساقي هـم اوست-
خيال آب و گـل در ره بهانه-
وجـودِ مـا معمائيست جـافظ-
ڪه تحقيقش فسونست و فسانه-

دنيا ۾ هي سموري، ماندي جي ماندڻ آهي، دنيا ۽ مافيها سڀ هيچ آهي، ۽ هي "ڪار جهان" وري "هيچ در هيچ" آهي انسان پاڻ به ڪجهه نه آهي ۽ نه ئي ذاتِ خداوندي ڪانسواه ڪنهن به شيءِ جو وجود مستقل آهي- هي ساڻي، ساز، آواز، شور شرابو سڀ بهانا آهن ۽ افساني کان وڌيڪ حيثيت نٿا رکن-

ان ساڳي مضمون کي عشق جي اوتار حضرت "بيدل پوتار" روهڙي واري، وري هن انداز ۾ ۽ هن مستي سان بيـــان ڪيو آهي فرمائن ٿا:

هوکو هم اوست جو، سڀ ئي هوشيار،
آڄ هي اعتبار، جو حق ريءَ آهي ڪينڪي-
هوکو هم اوست جـو، سڀ رک ويساه،
و هو الله في سموات والارض، هر جا آپ الله،
اوهـو شاهنشاه اولـي عبدليت جـي-
هوکو هم اوست جـو ٻڌي ٻڌ ڪر،
نينهون ڪر نظر، جو مڙيو ئي محبوب آه-
مڙيو ئي محبوب آه، ٻر جـو نانهن ڦٽ،
ڪل شـيءِ هوالله، صاحب ياتون پـات،
اچـي ٿيو اثبات، جاڏي ڪاڏي سپرين-

علم ڪلام ۽ فلسفي جي ايڏي اهميت ڏکئي ۽ نازڪ مسئلي کي جنهن جي بيان ڪرڻ لاءِ محي الدين ابن عربي، عبدالڪريم جيلي ۽ غزالي جهڙن علامن ڪيترا ورق ڪارا ڪيا آهن. سچل جي هن طالب خوش خيرمحمد هيسباڻي، ان کي بن لفظن ۾ بند ڪيو آهي. جسم اسم کي اوٽ ڪئي آهي يعني ڪائنات مختلف روپ، رنگ ۽ جسم ڏاري ان حقيقي اسم (يعني ذات باري تعالىٰ) کي اوٽ ڪئي آهي-

---

حافظ شيرازي کي هي پوري مام سمجهه نه ٿي اچي ۽ هي معمو متس حل نٿو ٿئي ته هي سڀ ڪجهه ڇا آهي ۽ ڇو آهي تنهن ڪري هو جهان ڪان ۽ ان ڪار راز ڪـان پڇڻ گهري ٿو، فرمائي ٿو:

حاصل ڪار گه ڪون و مڪان اين هم نيست-
باده پيش آر ڪه اسباب جهان اين هم نيست-

جهان و ڪار جهان جمله هيچ بر هيچ است-
هزار بار من اين نکته کرده ام تحقيق-

پر هي سڀ ڪجهه منهنجي شاعر حضرت عشق واري بيدل کـي ڀلـي پت سمجهه ۾ اچي ويو آهي ۽ هـن هي مام پروڙي ورتي آهي تنهن ڪري پوتار بيدل فرمائي ٿو:

حالت جـا حلاج جي، سموري آهي سوز،
سدائي سوري ٿي، نينهن جـو نوروز،
رندي راز رمون، ڪنهن کي سلن ڪينڪي-

حالت جـا حلاج جـي مڪي معراج،
مالڪن سرتاج، مستي ڪـون منصور ٿيو-
حـالت جـا حـلاج جـي ربوبيت راز،
حقيقت مجـاز، ايڪائي ۾ ايڪ ٿيـا-

ايڪائي ۾ ايڪ ٿي، معنيٰ ۽ صورت،
اچـي احديت، دوائي ڪـي دور ڪيو-

اونهي هن اسرار جي، جن کي پئي ڪل،
لنگهي خوف خلل، آيـا ملڪ امان ۾-

(هلندڙ)

رضيه ناصر قادري

منهنجو کٹرو ڏوهه

اڄ وري زرينه تمام گهٽي پريشان هئي، مان گهٽو ڪري ڏسندي هيس ته جڏهن اسان سڀ ماستريائيون رسيس ۾ ڪل يوڳ ۾ مشغول هونديون هيوسين ته هوءَ هڪ هڪ جي منهن ڏي ڏسندي هئي جيڪڏهن اوچتو هن جي چپن تي مرڪ ايندي هئي ته وري اها مرڪ غائب ٿي جلدي ٿي ويندي هئي. اڄ ٻه هوم نمائن نيٽن سان هڪ هڪ جي منهن ڏي ڏسي رهي هئي، ۽ هن جي چپن تي الاجي ڇو هڪ دفعو به مرڪ نه آئي.

مان جڏهن به هن کان پڇندي هيس ته زرينه تون ايتري چپ ڇو رهندي آهين، ۽ سيني ماستريائين جو به اهو خيال آهي ته زرينه الائجي ڪهڙين سوچن ۾ ٻڏل رهي ٿي، تون هروڀرو سڀني جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇو ٿي ڇڪائين.

خالده دنيا جو ته دستور ئي اهو آهي ته نه ڪنهن کي ڪلندو ڏسندا آهن ۽ نه وري روئندو، هوءَ ائين چئي چپ ٿي ويندي هئي.

۽ اڄ وري زرينه جي منهن تي تمام گهٽي اداسي ڇانئيل هئي. موڪل ڪانپوءِ اسان گهر واپس گڏ ويندیون هيوسين. مون موڪل ۾ زرينه کان جڏهن پڇيو ته زرينه خير ته، آهي ته هن جي اکين مان لڙڪ وهي آيا ۽ ڇوڙ لڳي ته خالده جڏهن ڪوئي به مري وڃي ته ان جي گهر جا ڀاتي ۽ مٽ مائٽ ڪيئو نه روئن ۽ ٻڌين تا ۽ مٽلن حي ٻڌيان ڪيڏي نه محبت ظاهر ڪن تا. ڇا ائين نٿو ٿي سگهي، جو هو اها محبت ڀهريان به هڪ ٻئي سان ڪن.

مون کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي ته منهنجي هن دنيا ۾ ڪهڙي ضرورت هئي جو الله سائينءَ مون کي ڌرتيءَ تي بار ڪري موڪلي ڏنو. پلا تون ئي ٻڌاءِ خالده مان جڏهن به ٽڪل ٽنل گهر وڃان ته اتي ڪنهن نه ڪنهن جو جهيڙو هوندو ئي هوندو آهي، مان جيترو به گهر جي ڀاتين سان محبت سان پيش ايندي آهيان ته به الائجي ڇو مون انهن جي منهن ۾ پنهنجي لاءِ اهو سچو خلوص ۽ پيار نه ڏٺو آهي. تون ئي ٻڌاءِ خالده آخر مون ڏوهه ڪهڙو ڪيو آهي جڏهن پنهنجا ئي پراوا ٿي ويا آهن، ته پوءِ ڏي ڪهڙو ڏوهه آهي. مان جيترين به دعائون ڪيان پٽي ته مون کي سڪون ملي، گهر ۾ پيار ملي، محبت ملي، اوتري ئي ڏينهون ڏينهن بي سڪوني وڌندي وڃي پئي. جيڪڏهن اوچتو منهن تي مرڪ ايندي آهي ته چوڌاري گهر جي ڀاتين جون نظرون نفرت سان گهورندي نظر ايندیون آهن. ڇا اسان نمائين ايترو وڏو ڏوهه ڪيو آهي. شايد، اسان جو اچڻ ئي هن دنيا ۾ وڏو ڏوهه آهي، الائجي ڇو زرينه جون ڳالهيون ٻڌي منهنجي اکين مان به لڙڪ ڪري پيا.

زرينه سچ پٽي چوين اسان جو هن دنيا ۾ پيدا ٿيڻ ئي اسان جو وڏو ڏوهه آهي.

ٻئي ڏينهن زرينه آئي ته مون هن کي تمام گهٽو سمجهايو ته چري اڪلهه ڪوئي به سڪون سان ڪونه ٿو رهي، هر ڪنهن کي ڪا نه ڪا پريشاني آهي ئي آهي جيڪڏهن تون ايترو گهٽو سوچندينءَ ته بيمار ٿي پوندينءَ.

مولا بخش چنڊ

پلانڊ

پيءُ جي اوچتي قتل جو گلن کي ڏاڍو ڏک پهتو. گهر جو هڪ ئي ته وڏو هو، جيڪو بارهن ياتين جي ضرورت هو. جڏهن گلن جو پيءُ قتل ٿيو، ان وقت هن جي عمر سورهن سال مس هئي، نئون رت، نئي جواني، آيرنڊز آسون، پيار ۽ محبت جي ضرورت، جوابدارين کان بي پرواهه. خود گلن نندي هوندي کان ئي بت جو پربل، وڇولو قد، سانورو رنگ ۽ گهاٽائن جو گهرو هو. اوياڻو سندس پڳ مٽ يار هو. ٻئي هڪ ٻئي جي اشاري تي هلندا هئا. سندن گهر درياءَ جي ڪناري ڪچي ۾ هو. هو ٻئي پڙهن لاءِ پرائي گهڻپري جي اسڪول ۾ روزانو گڏجي ايندا، ويندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح هو هن اسڪول ۾ پنجين درجي تائين گڏ رهيا.

سرءُ جي آداس شام هئي، درياءَ لٽل هو، واري آڏامي رهي هئي، ان واريءَ تان ڪو پري کان ڊوڙندو ۽ سهڪندو ٻئي نظر آيو، جڏهن هو سڊ پنڊ تي هو ته گلن رڙ ڪندي کانئس پڇيو پائو! خير ته آهي؟ همراه اهو آواز ٻڌي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو ته گلن: تنهنجي پيءُ کي واهڙ جي ڪپ تي ڪنهن ماري ڦٽو ڪيو آهي، اهو ٻڌي گلن جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي، سندس چهه چڪي پيا. وات ڦاڙي بيلو رهيو. خبر نه آهي ته ڪيترو وقت هو اتي جو اتي بند بڻيه سندءِ جي سڪل ڪپ کي گهوريندو رهيو، جتان سندس پيءُ جي اخري ديدار ڪرڻ لاءِ پيغام پهتو هو.

ڪلمي جي آواز تي گلن جي اکين جو بند ٽٽي پيو، سڏڪن وکوڙي وڌس، آهستي آهستي وڃي ماٿهن جي ان ميڙ ۾ پهتو، جيڪو سندس پيءُ جو جنازو ڪلهي تي کنيو ٻئي آيا.

ڪوٽ پهچڻ تي واويلو مچي وئو، ڇپرن ۽ چنن مان اوچڪارون آيون، معصومن ابا ابا ڪري پڪاريو، يار گهرائي ٻائي گهوڙها گهاڙيندا رهيا. وڏا دلداريون ۽ دلاسا ڏيندا رهيا، پر اهسا قيامت ۽ ڪاري رات ويتر وڌندي ٿي رهي. نيٺ ڪڙن دس هنيو، پره ڦٽي، وهاڻو نڪتو ۽ دفن جو بندوبست ٿيو. اڄ گلن پنهنجي پيءُ کي حسرت پري نگاه سان لحد ۾ لهندي ڏٺو، اکيون آليون منهنجي سمجهائڻ کانپوه مان ڏسندي هيس ته هوءَ ٽورو گهٽو ڪلندي به هئي ۽ اسان سيني جي گهالهين ۾ حصو وٺندي هئي.

اڄ ستون انون ڏينهن ٽي ويو هو ته زرينه اسڪول نه ٻئي اچي، مان موڪل کان پوه سڌي زرينه جي گهر ويس، مون ڏٺو ته هوءَ بستري تي ستي پئي هئي. هوءَ مون کي ڏسي ٽوري اٿي ويٺي ۽ تمام گهٽو روئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته خالده مان تمام گهڻي ڦاٽي آهيان، مون کي هرکو ندوري ٿو ڪوئي سڀ چون ٿا ته زرينه ندوري آهي، انڪري هوءَ اڃائين گهر ۾ ويئي آهي، کو رشتو ئي نٿو اچيس تون ٻڌاه ان ۾ منهنجو گهڙو ڏوهه.

الائجي اهڙا دقيانوسي ماڻهو ڪيستائين اهڙيون گهالهيون ڪري نيائين جا سر ڪندا.

هيون، دل ۾ درد هو، اميد مٽل هئي، همت هاريل هئي. پيءُ جي دفن کان کجهه ڏينهن پوءِ گلن کي گهر جو سڄو بار کٽيو پيو.

کافي عرصو غم ۽ فڪرن ۾ گذري ويو، اوپائي ۽ گلن هائي، پڙهڻ ڇڏي ڏنو، هو سخت محنت ڪري گهر جو خرچ پورو ڪندا هئا، سندس پيءُ جي قاتلن کي اها سڌ نه رهي ته گلن به پهلوان ٿي ويو آهي، دلير ۽ جوشيلو جوان ڦوهه جوانيءَ کي رسي ويو آهي. سندس موڪري ۽ وسيع سيني ۽ ڪا دشمنيءَ لاءِ پلاند جي پيڙهه بعل آهي. هڪ دفعي شڪار جي شوقينن ڇڪ مٽ يارن ۾ صلاح ڪئي ته دشمن کان بدلو ونجي ۽ بي‌گناهه پيءُ جو ويڙ ورائجي. اهو سوچي ويڙ ورائڻ لاءِ جنگل ۾ ڏکري پيا، ۽ شمنهن پيلي ۾ ڦرڻ لڳا، دشمن کي قدم، قدم، وک وک تي تاڙڻ لڳا، ليڪن دشمن چالاڪ ۽ هوشيار هو، ان ڪري هي ٻئي جوانيءَ جي نشي ۾ خماريل سڄو ڏينهن تعاقب ۾ گذاري رات اچي گهر ۾ پوندا هئا. گهر وارن کي کهڙي خبر ته هن چمن جا گل چاڻ ڪوماڄڻ تي پهتا آهن. جيڪي ڪتاب جي ڪڙيءَ تي ڪڙيل سي پلانٽ ڪيڻ ونڊا، ناحق اهي قاتلن جي ور چڙهي ويندا ۽ ڪچي ٿي لبي ويندا.

ٻارن ۽ پينرن کي غمن ۽ گوندرن اندر ۾ ڦٽ وجهي ڇڏيا. آخر اهو ڏينهن به آيو جو هئي ڪونڊر ڪنڌا ڪلهن ۾ وجهي قانون کي الوداع چئي جهر جهنگ منهن ڪري وڃڻ لاءِ مشورو ڪندا رهيا. ٻڻ کي چيائين: ادي رزق الله تي آهي، اهو اوهان کي ملندو، باقي مون ڪانسواءِ ٻوبان ٽين ٻڻ به اٿئي، مون کي روڪڻ تي مجبور نه ڪر جو متان هن باه ۾ جٿري ٿي جلي نه وڃان، ٻڻ مجبورن خاموش رهي.

جون جو مهينو هو، اونهاري جي ڏکي بدن ٻئي سازيو، آسمان تي ڪاڙهائڻ چالئيل هئي، مهراڻ جي ڪنارن تي بندوقن جا آواز هئا، گلن ۽ اوپايو انڌا دنڊ پيءُ جي قاتلن تي گوليون هلائي رهيا هئا، ڪجهه وقت مقابلي کان پوءِ آواز بند ٿي ويا ۽ هي ٻيئي ٻيلي جي گهرائيءَ ۾ گم ٿي وياء. گهڻا ڏينهن اها خبر ٻڌي ڏينهن ملڪان ماڻڪ مشهور ٿي ويئي، چار مرد ۽ هڪ عورت مئي. اهڙي طرح هي ٻئي پوليس کان روپوش ٻيلي ۾ رهندا هئا. ڪافي وقت گذري ويو، ٻئي يار ٻيلي ۾ ٿي رهيا، ڦرمار ڪيو پيا پيٽ پاليندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح ڪجهه بچائي ڪوٽ ۾ موڪليندا هئا، گلن، اوپائي کي چيو ته يار تنهنجو ياءُ وريو هاڻي جوان ٿيو آهي، ان جي مستقبل لاءِ ڪجهه سوچ، ٻارن ته آهيون قانون کان هٿيل ۽ هڪ ڏينهن موت يا گهات ڏئي جهڙا. اوپائي ورندي ڏني ته پائو چا ڪرڻ گهرجي؟

تنهن تي گلن جي منهن تي سرهائي آئي ۽ چيائين ته منهنجو خيال آهي ته سياڻيءَ جي شادي ورئي سان ڪجي، تنهن تي اوپائي چيو ته ها ائين ٺيڪ ٿيندو. هونئن به تنهنجي گهر ۾ وڏي جي ضرورت آهي. اهڙيءَ طرح وريو تنهنجي گهر جو ڇپر ٿي پوندو.

اهي ڳٽيون ڳٺيندا سرن جي ٻوڙي جي اوٽ ۾ سمهي رهيا، صبح جو ٻڪرار هنن لاءِ ماني ڪڻي آيو، ٻڪرار کي اوپائي چيو ته بابي کي چئج ته ورئي جي شادي سياڻيءَ سان هڪ هفتي بعد ڪري اسين رات اچي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيندا سين.

جنوريءَ جي سخت سردي هئي ٻئي يار ڪنڌا ڪڇيءَ ۾ وجهي اچي چني ۾ رسيا، نڪاح ٿيو، راڳ ٿيو، باقي سرڪس صبح جو ٿيڻو هو، ان جو انتظار باقي هو.

خدا جو سڄ سونهري ڪرڻا ڪڍي اوپر ←

اقبال احمد کوريجو

اڻ پڙهيل

آڏهن ۾ پنهنجي ڪمري ۾ پڙهڻ لاءِ ويهندو هوس ته اسانجي سامهون واري گهر ۾ رهندڙ هڪ نندڙي چوڪري هر روز منهنجي ڪمري ۾ ايندي هئي ۽ سامهون رکيل ڪرسي تي چپ چاپ اچي ويهي رهندي هئي، پاسي ۾ رکيل هڪ الماڙي مان ڪجهه ڪتاب ڪڍي اڳيان رکي هٿن ۾ جهلي ڏسڻ ويهي رهندي هئي.

جيتوڻيڪ هوءَ پڙهيل لکيل ڪونه هئي پر پوءِ به جڏهن ڪتابن کي هٿن ۾ کڻي ويهندي هئي ته اٿين لڳندو هيو، ڄڻ هوءَ ڇڪو پڙهيل لکيل آهي. ڪافي دير تائين خاموشيءَ سان اهي ڪتاب ڏسڻ کانپوءِ هوءَ انهن ڪتابن کي ساڳي ترتيب سان، انهيءَ الماڙيءَ ۾ رکي هلي ويندي هئي. آءٌ اهو سڀڪجهه خاموشيءَ سان ڏسندو هوس. هڪ ڏينهن موڪل ٿي ته جڏهن توڻ پڙهيل لکيل ئي ناهين ته پوءِ منهنجي ڪتابن کي ڇو ٿي ڪٿين. ٿوري دير کان پوءِ هن آهستي آهستي دروازو کوليو ۽ خاموشيءَ سان اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهي، جنهن تي هوءَ هرروز اچي ويهندي هئي. هن آهستي آهستي الماڙيءَ مان ڪجهه ڪتاب ڪڍڻ شروع ڪيا ۽ نهن کي ڏسڻ لاءِ ويهي رهي. گهڻي دير تائين ڪتابن کي ڏسڻ کان پوءِ جڏهن هوءَ وڃڻ لڳي ته مون پنهنجو ڪتاب بند ڪري ڪاڪس ڇيڙيو ”ارباب توڻ منهنجي ڪمري ۾ هرروز ايندي آهين ۽ منهنجي الماڙيءَ مان ڪتاب ڪڍي انهن کي ڏسندي آهين.

ڪان مشعل ڪٽي نڪتو ۽ هي ٻيئي، گهوٽ، ڪنوار کي دهل ۽ شرنائين جي سريلي آواز تي ڇڏي، الوداع چئي ٻيلي ڏانهن وريا، هوڏانهن ڪنهن پوليس کي انهيءَ مقابلي جي خبر ڏني هئي، سي به اڃي گس جهلي ٻيهي رهيا. هنن جو واپس ورڻ ۽ پوليس جو حملو ڪرڻ، هتي بندوقن ۽ رائفلن جو آواز هو ۽ هتي دهل ۽ شرنائي جو. پوليس جي قهري حملي سان ٻئي پهلوان مري پيا.

ڇنڇر جو ڏينهن هو اوپائي جو ٻيءَ پنهنجي ڪوندر متان لٽ جي سهاري جهڪو ٻيٺو هو. پاسي ۾ گلڻ جو به لاش هو. ٻيءَ جي اکين مان ٻه گرم ڳوڙها ڳڙي اچي هڪ اوپائي ۽ هڪ گلڻ تي پيا. پوڙهي ٻيءَ منهن ڦيري ٽڏو ساهه ڪڍي چيو بدلو، بدلو، بدلو. ۽ اهي الفاظ آهستي آهستي گهٽ ٿيندا ويا.

دشمنيءَ ۽ بدلي جي انهيءَ باه ۾، خبر نه آهي ته ڪيترا بي گناهه مارجهو وڃن، ڪيترن جون نيون ويران ٿيو وڃن، پيار پيار ٿيو وڃن، پيرون پائرن ۽ پائرن کي پيرن جون خوشيون ڏسڻ به نصيب ڪونه ٿين. انهيءَ انسانيءَ دشمني تي اهڙن ماڻهن لاءِ نه صرف هن جهان ۾ مصيبت آهي، مگر آخري جهان ۾ به هنن جي ڪيل انساني قوس تي عبرتناڪ سزا ملندي.

دشمنيءَ جي اهڙن واقعن سان تاريخ پري پيئي آهي. شل الله تعالىٰ انسانذات کي ڇڪي راه ڏيکاري.

ڪافي دير ڪتابن ڪي ڏسڻ ڪان پوءِ انهن ڪي الماريءَ جي حوالي ڪري ويندي آهين. تون جڏهن پڙهيل لڪيل ٿي ناهين تہ پوءِ ڇو ٿي ڪتاب ڪٿي ويهين ۽ وقت ضايع ڪرين.

توکي انهن ڪتابن مان ڇا ٿو ملي. آءٌ تہ اهو سمجهندو آهيان تہ تون انهن ڪتابن ۾ تصويرون ڏسندي آهين، يا ڪتاب جا ورق ڦيٿيندي آهين. جڏهن توکي ڪجهہ حاصل ٿي ڪونہ ٿو ٿئي تہ پوءِ تون هتي هرروز منهنجي ڪمري ۾ ڇو ٿي اچين" اهي سڀ لفظ مان هن کي هڪ ٿي ساهيءَ ۾ چئي ويس.

مون جڏهن هن ڏانهن ڏٺو تہ هو اهو سيڪجهہ خاموشيءَ سان ڪنڌ هيٺ ڪري پڌي رهي هئي. هن جون جهڪيل نظرون زمين جي طرف لڳل هيون، مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هيو، جيئن ڪنهنجي منهن تي زور سان چمات هڻي ونجي ۽ پوءِ ان کان پڇا ڪجي تہ اها چمات توکي ڪٿين لڳي؟ هن جي معصوم چهري جو رنگ بلڪل پيلو ٿي ويو هيو. مون ائين ٿي محسوس ڪيو تہ هن جي اکين مان اڻ منڊائتي مينهن جيان لڙڪ وهڻ لڳا. ڪجهہ دير جي خاموشيءَ کان پوءِ هن مونکي چيو تہ "ڇا هڪ اڻ پڙهيل ماڻهون کي امڙ بہ حق نہ آهي تہ هو صرف ڪتاب ڪٽي. اڻ پڙهيل ماڻهو ٻيو ٻلا ڏسڻ کانسواءِ ڪتابن کي ڪري بہ ڇا ٿو سگهي! بس جڏهن دل گهرندي آهي تڏهن تنهنجي ڪمري ۾ هلي ايندي آهيان ۽ پنهنجي ننڍپڻ جي هرروز اسڪول وڃڻ واري عادت کي پورو ڪندي آهيان جيڪا منهنجي پيءُ جي مري وڃڻ کان پوءِ پوري ٿي نہ سگهي ۽ اڌوري رهجي وئي.

مونکي تہ ننڍپڻ کان وٺي لکڻ ۽ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هيو. مان پنهنجي پيءُ سان گڏجي هرروز صبح جو ڪتاب ڪٽي اسڪول ويندي هيس. مان ڪيترا ڀيرا پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندي هيس ۽ ڪيترائي انعام بہ ڪٽيا هئا. سڄي اسڪول جا پار موڪل ملڻ بعد پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويندا هئا پر مان پوءِ بہ پنهنجي ڪلاس ۾ اڪيلي ويهي پڙهندي هيس. هن سالن گذرڻ کان پوءِ منهنجو نالو ڪلاس مان استاد اهو چئي ڪڍي ڇڏيو تہ تنهنجي في ڪونہ ٿي اچي. جنهنڪري تون اسڪول نہ ايندي ڪر.

بس پوءِ تہ مان روئندي روئندي سڌو پنهنجي گهر آيس ۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي پنهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪندي رهيس. جڏهن ڪم ختم ٿي ويندو آهي تہ تنهنجي ڪمري ۾ هلي ايندي آهيان، تنهنجي ڪتابن کي هٿن ۾ ڪٽي پنهنجي دل وندرائيندي آهيان ۽ پڙهڻ جي پياس کي ڏسڻ سان ختم ڪندي آهيان ۽ اهوئي سمجهندي آهيان تہ ڇڻ اسانجي اسڪول جي سينيءَ هارن کي موڪل ملي وئي آهي ۽ مان اڪيلي اڄ بہ پنهنجي ڪلاس ۾ ڪتابن کي سامهون رکي پڙهي رهي آهيان.

بقايا: سچل جا ڪلام

[متفرقہ]

لڻ لڪايو لوڪ کان، هنج ۾ هنجهون ٿي هاريان.
ڪجهيون ڪاهيون ڪريان ڪن سان، تڪ ويني توريان.

حرف صحيح کر هيڪڙو، ورق سيئي وار.
ويني ڪاتگ آڏايان، لکين لالن لاهه.

"سچو" وٺ سي سدا، هينڙي منجهہ حبيب.
واڪان وطن پانهنجي، ڦيري آءٌ في الحال.

مٽ منجهارئون مٿي جي، تنهن ساڻي سرکي چڪائي.

حفيظان ابڙو

ريتون

جتي اسانجي قوم ۾ ڪافي خوبيون آهن جيڪي بين قومن کان اسانکي نيارو ڪن ٿيون ۽ اسين بجاطور انهن تي فخر ڪيون ٿا، اتي ڪجهه خاميون به آهن، جن کي ختم ڪرڻ اسانجي پيڑهيءَ جو فرض آهي. اڄ جي حالتن مطابق اسانکي ڏسڻو پوندو، ته اسانکي جهڪي ورثي ۾ ريتون ۽ روايتون مليون آهن، انهن مان صرف ساڃهه وارين ريتن تي عمل ڪريون يا سين تي. ورثي ۾ ملندڙ رسمن ۾ هڪ بڇڙي رسم پلاند آهي، جنهن کي اسان جا وڏا مڙسي جو انگ چوندا آهن. اڄ به جڏهن به ڪنهن خاندان جو پوڙهو مرد دنيا مان لاڏاڻو ڪندو آهي ته خاص ڪري سڪرات وقت پنهنجي ڪٽنب جي پائين کي ويهاري انهن کي وصيت ڪندو آهي، ته بابا اسان پنهنجو وارو وڃائي ويهاسين، اسان جڏهن جوان هئاسين، ته ڪنهن کي مجال نه هوندي هئي، جو اسان سان سامهون ٿي ڳالهائي، جيڪو وقت هو مڙس ماڻهو ٿي گذاريوسين، ڏلائڻ ڪينس ڪئي ته سندن مڙس ماريوسين، خير! ابا پلاند پرائا ناهن ٿيندا. ان ڪري مون مٿي انهن جو متير مارجو، سنگت ۾ ڪانيارو نه ڪجو. يارو ديري وارا دوست ڇا چوندا، يا پار وارا پڳمٽ يار ڇا چوندا، ته ڏلاڻي جا پٽ ڏوسي نڪتا، خلق نه ڪلائجو وغيره. انهيءَ وصيت ۾ جيتوڻيڪ زماني جون ڀيون ڳالهيون به هونديون آهن پر زور مڙسي جو انگ ٿي هوندو آهي، پلي پوءِ غلطي ٿي پاڻ ڇو نه هجي. وري جهيڙي جو منڊ ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته جهيڙو ڀڪريءَ جو ٻنيءَ ۾ پسوڻ، ڇوڪري جي وڙهڻ تان ٿيو هوندو. پوءِ انهيءَ دشمنيءَ ۾ ڪيئي ڪونڊر ڪسجي ويندا. اها ويڙهاند ڪيترين ئي پيڙهين تائين پئي هلندي، ڪي مرندا ته ڪي وڃي جيل وسائيندا. اڄ به سنڌ جي جيلن جو رڪارڊ شاهد آهي ته انهن ۾ اڪثريت پلاند وندڙن جي آهي يا ڪاري ڪارو جي آهي. ڪاش! اهي سوچين ته انهن جي مرڻ يا جيل ۾ پوڻ سان ڪيترا گهر تباهه ۽ برباد ٿين ٿا. ڪيترن مائرن جو نُور نچوڙجي وڃي ٿو. ڪيتريون جوان ڀينريون ٻيوهه ٿي وڃن ٿيون، ڪيتريون ڌيئرون نراس ۽ نااُميد ٿي وڃن ٿيون، ڪيترن نندڙن ابهم ٻارن جو جيئڻ جنجال ٿي وڃي ٿو. وري جيڪڏهن ڪو سپوت حالتن سان مقابلو ڪري زهر جو ڏڪ پي پنهنجي ڪاڻ ته ته پنهنجي جوان ڀينرن، پوڙهي ماءُ نندڙن ٻارن ڪاڻ جيئڻ ٿو چاهي ته اوڙي پاڙي وارا ڪيس ٿوڪين ته ڏلاڻو گيدي ۽ ڏڇڻو آهي. پيءُ جو نڪ لڇايو اٿين.

هاڻي سوچڻو اسانجي نئين نهي ڪي آهي ته ريت نيائجي يا نسل نابود ڪجي حالتن سان منهن ڏجي يا ڇيڀي پورن جي چوڻ تي لڳي، پاڻ کي ائين تباهه ڪجي يا اصل دشمنن سان مقابلي لاءِ اتحاد ڪجي انهي ريت جي ڪري سپ ڪان وڌيڪ متاثر اسانجون مائرون ڀينرون ۽ اسانجون نياڻيون ٿيون ٿين. ان ڪري اسانجي ڀينرن کي گهرجي ته ان کني رسم مان چوٽڪارو حاصل ڪن.

ديس جون خبرون

نوري آباد ۾ مقامي ماڻهن کي وڌ ۾ وڌ روزگار ڏنو وڃي- تاباني

سنڌ جي گورنر جناب اشرف ولي محمد تاباني اڄ نوري آباد صنعتڪار ائسوسيئشن جي ميمبرن کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجي ڪارخانن ۾ وڌ ۾ وڌ تعداد ۾ مقامي ماڻهن کي نوڪريون ڏين. من، کين چيو ته اتان جا رهاڪو جن کي گهرن جي ويجهو روزگار ملي، سي وڌيڪ محنتي ۽ ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا. گورنر، سنڌ نوري آباد صنعتڪارن جي هڪ ڏهرڪني وفد سان ڳالهائي رهيو هو جي ساڻس ملڻ لاءِ گورنر هائوس آيا هئا. وفد جي اڳواڻ حسين دادا پائي سان ڳالهائيندي گورنر سنڌ صلاح ڏني ته ايسوسيئشن کي گهرجي ته بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ۽ ٽين تربيتي ادارن سان لاڳاپي ۾ رهي جيئن مختلف هنرن ۾ ڊگري حاصل ڪندڙ شاگردن کي ڪارخانن ۾ ترت نوڪريون ملي سگهن ۽ اهڙيءَ طرح حڪومت ۽ صنعتڪار گڏجي بيروزگاري کي ختم ڪري سگهن. گورنر کي ٻڌايو ويو ته نوري آباد ۾ ۱۵ کان ۱۸ ڪارخانن ۾ ڪم هلي رهيو آهي جتي اٽڪل ۷۰۰۰ مقامي ماڻهو ڪم سان لڳل آهن.

صحافي ملڪي خطرن کان عوام کي باخبر رکن- تاباني

سنڌ جي گورنر جناب اشرف ولي محمد محمد تاباني صحافين تي زور ڀريو آهي ته اهي پنهنجو قلم استعمال ڪري ماڻهن کي ملڪ جي خود مختياري خلاف ڪم ڪندڙ اندرين توڙي ٻاهرين خطرن کان واقف ڪن. جيئن عوام جو اعتماد بحال ٿي سگهي. سنڌ يونين آف جرنلسٽ جي ٽن ڏينهن واري

نوري آباد جي صنعتڪارن جو وڏو رکني وفد، سنڌ جي گورنر جناب اشرف تاباني سان ملاقات ڪري رهيو آهي.

سنڌ جو گورنر جناب اشرف تاباني، عيسائي برادريءَ جي وفد سان ملاقات ڪري رهيو آهي.

ڪنوينشن جي آخري اجلاس ڪي خطاب ڪندي هن چيو تہ صحافي، ماڻهن وچ پائيچاري جو احساس پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجو قلم استعمال ڪن. هن صحافين کي چيو تہ اهي قوم ۽ ايماندار صحافت جي مفادن کي پنهنجي ذاتي مفادن کان مٿاهون رکن ۽ تعميري صحافت جو رستو اختيار ڪن. هن وڌيڪ چيو تہ حقيقت هي آهي تہ حڪومت ۽ صحافي ٻئي عوام جي خوشحالي آڻڻ واري ڪر ۾ سرگرميءَ سان رڌل آهن.

تفريحي پارڪن لاءِ سستي زمين ۽ وندر ٽڪس ۾ چوٽ ڏيڻ تي ويچار ڪبو - اشرف تاباني

سنڌ جي گورنر جناب اشرف ولي محمد تابانيءَ چيو آهي تہ حڪومت خاص طور ٻارن لاءِ تفريحي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو تہ تفريحي پارڪن لاءِ سستي زمين ڏيڻ، ڪسٽم ڊيوٽي ۽ تفريحي ٽڪس ۾ چوٽ ڏيڻ جو جائزو ورتو ويندو. هو حيدرآباد جي راڻي باغ ۾ ڪلفن جي طرز تي قائم ڪيل "فن لينڊ" جي افتتاحي گڏجاڻيءَ ۾ تقرير ڪري رهيو هو. هن زور ڀريو تہ تفريحي پارڪن ۾ ٽينڊر حد دخليون هٽايون وڃن ۽ هن ڏس ۾ ميونسپل، ٽمهرين ۽ پوليس حڪام کي پنهنجيون ذميداريون پوريون ڪرڻ گهرجن جيئن اجڙيل پارڪ بهر آباد ٿي سگهن. هن والدين تي زور ڀريو تہ هو پنهنجن ٻارن جي ٿي وي ۽ وي سي آر سان دلچسپي گهٽائي کين ٻاهرين تفريح ڈانهن مائل ڪن جيئن صحتمند تفريح سان گڏوگڏ سندن ذهني اوسر به ٿي سگهي. گورنر چيو تہ حڪومت کي حيدرآباد ۾ تفريحي پارڪن جي سهولتن جي ڪوٽ جو احساس آهي. هن چيو تہ چامشورو ۾ غلام محمد بيراج وٽ ٻئي تفريح گاهہ نهي سگهي ٿي ۽ حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن اهڙي رٽا ناهي تہ ان کي سبب ناهي جو ان سلسلي ۾ حڪومت ۽ اقوام متحده جي ادارن کان مدد حاصل نہ ڪري سگهجي. هن چيو تہ ڪراچيءَ جي سفاري پارڪ ۾ فن لئنڊ قائم ڪرڻ جو جائزو ورتو ويندو ۽ وڏندڙ آبادي جي پيش نظر ۱۹۹۰ تائين مڪمل ٽينڊر تفريحي رٽا ڪانپوه ڪراچي جي رهواسين کي اهي تفريحي سهولتون ملي ويندیون جيڪي ترقي يافته ملڪن جي رهواسين کي حاصل آهن. هن چيو تہ حيدرآباد جي هن پارڪ سان شهر ۽ پسگردائي جا ماڻهو گهٽ خرچ سان ذهني آسودگي حاصل ڪري سگهندا. هن امید ڏيڪاري تہ هن پارڪ جي تعليمي افاديت جو

سنڌ جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه ، نئين سنڌ سيڪريٽريٽ جي ڪيبنٽ روم ۾ سالياني ترقياتي پروگرام ۽ وزير اعظم جي پنج نڪاتي پروگرام بابت سڏايل ڪيبنيٽ ميٽنگ جي صدارت ڪري رهيو آهي -

خيال رکيو ويندو ۽ اهڙي تفريحي مشينري رکي ويندي جنهن مان خاص طور شاگرد ڪجهه پرائي ٻه سگهن. هن چيو ته پارڪ جي قائم ٿيڻ سان گڏ ڪاروبار ۾ ٻه اضافو ٿيندو ۽ هن ڏس ۾ دلچسپي رکندڙ ماڻهن جي ٻه حوصلہ افزائي ٿيندي. گورنر، فن لئنڊ جي باني الياس ڪشتي والا جي خدمتن جي واکاڻ ڪندي اميد ڏيکاري ته هو سنڌ جي پين شهرن ۽ خاص طور سکر ۾ تفريحي سهولتون ميسر ڪرڻ لاءِ وڌ وڌائيندو.

ڪراچي ٽرانسپورٽ بورڊ قائم ڪيو ويو - سيد غوث علي شاهه

سنڌ حڪومت ڪراچي ٽرانسپورٽ بورڊ قائم ڪيو آهي، جنهن جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه چيئرمن ۽ ٽرانسپورٽ وارو صوبائي وزير وائيس چيئرمن هوندو. ڪراچي ڊويزن وارن سموري وزيرن کي بورڊ ۾ عوامي نمائندن طور ڪنيو ويو آهي. پين ميمبرن ۾ صوبائي چيف سيڪريٽري، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (رٿابندي ۽ ترقي)، آءِ جي

سنڌ جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه ، اورنگي ٽائون ايريا جي بيوه عورتن کي ڏنل افطار پارٽي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي-

سنڌ جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه سنڌي ادبي بورڊ جا مشوري ميمبرن قائم ڪيل آفسيٽ پرنٽنگ پروسيس جو بٽڻ دٻائي افتتاح ڪري رهيو آهي.

پوليس، هوم سيڪريٽري، هائوسنگ، ٽائوز، پلاننگ ۽ مڪاني اڌارن جي ڪاتي جو سيڪريٽري، ايڊمنسٽريٽر ڪي ايم سي، سيڪريٽري فنانس، ڪمشنر ڪراچي، ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪي ايم سي، سيڪريٽري هراونشل ٽرانسپورٽ اٿارٽي ۽ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ کاتو شامل آهن. بورڊ ٽرانسپورٽ سان واسطو رکندڙ مسئلن جو جائزو وٺندو ۽ انهن کي حل ڪندو. بورڊ جي ماتحت هڪ ٽرانسپورٽ ڪميٽي به قائم ڪئي وئي آهي، جيڪا مختلف ڪاتن ۾ رابطي جو ڪم ڪندي.

قانون سان هٽ چراند ڪرڻ جي اجازت نه ڏبي - غوث علي شاهه

سنڌ جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه چيو آهي ته موجوده حڪومت عوام جي ۵۶ سيڪڙو ووٽن ذريعي چونڊجي آئي آهي ۽ جمهوري مسئلن کي اسيمبلين ذريعي حل ڪرڻ جي پوري صلاحيت رکي ٿي. جيڪي

سنڌ جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه ڪراچي يونيورسٽي جي صحافت واري شعبي جي شاگرد ياٽي کي چيف منسٽر هائوس ۾ وڊيو ڪيسٽن جو سيٽ ڏيئي رهيو آهي - هن موقعي تي وائيس چانسلر ڊاڪٽر جميل جالبي به موجود هو.

سنڌ جوزڪوات ۽ عشر وارو وزير الحاج شميم الدين ڪاتي جي عملدارن جي هڪ گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي.

ماٺهو سڙڪن ٿي مسئلن جو حل تلاش ڪرڻ گهرن ٿا تن ڪي قانون سان هٿ چراند ڪرڻ جي اجازت نه ڏبي. اها گهالهه هن بار ڪائونسل سکر پاران ڏنل دعوت جي موقعي تي گهالهائيندي چئي. هن چيو ته مخالفن ڪي قانون جي دائري ۾ رهندي، سهڻي نموني پيش اچڻ کپي. جو ته اسان ۽ مخالفن کي سهڻي نموني منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکون ٿا. هن چيو ته گذريل چوندن ۾ مخالف جاڻي واڻي چوندن جو بائيڪاٽ ڪيو هو ۽ هن وقت بيهر درمياني مدي وارين چوندن لاءِ اجايو زور وجهي رهيا آهن جڏهن ته هنن کي ۱۹۹۰ وارين چوندن تائين انتظار ڪرڻ گهرجي. هن وڪيلن کي چيو ته آءٌ ۽ اوهانجي برادري مان آهيان ۽ اوهانجي پلائي لاءِ ڪم ڪندو رهندس. شاهه صاحب چيو ته سکر بار جي روايت کي سهڻي نموني نباهيو ويو آهي، ۽ ايم آر ڊي ۾ شامل مخالف پارٽين جا اڳواڻ جن ۾ مس بينظير ڀٽو، پليجو، جام ساقي، معراج محمد خان، عبدالواحد آويسر، هتي اچي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري ويا آهن ۽ اڄ آءٌ ۽ اوهان سان گڏ آهيان. هن چيو ته وڪيل برادري جو اهو فرض آهي ته هو قانون جي بالا دستي کي قائم رکندي غير قانوني ڪم ڪندڙ ماٺهن تي چڱيءَ طرح نظر رکي. ان کان اڳ ڊسٽرڪٽ بار جي صدر عبدالفتاح ملڪ سپاسنامي ۾ وڪيلن کي درپيش مسئلن جو ذڪر ڪيو. ان کان علاوه، هن رهائشي پلاٽن جي گهر ڪئي. ونس وزير، ڊسٽرڪٽ بار جي عمارت جي مرمت ۽ لئبريريءَ لاءِ هڪ لک ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

فاطميد فائونديشن خيرپور ۾ پنهنجو يونٽ کولي- غوث علي شاهه

سنڌ جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه واسطيدار ڪاتي کي هدايت ڪئي آهي ته سندس پاران فاطميد فائونديشن لاءِ پنج لک رپين واري گرانٽ جيڪا هن ۲۴ مارچ ۱۹۸۷ تي ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو سا فائونديشن کي ڏيڻ لاءِ ترت اثرائتا اپاءَ ورتا وڃن. ٻئي طرف سنڌ جي وڏي وزير فاطميد فائونديشن کي چيو آهي ته اها پنهنجو هڪڙو يونٽ خيرپور ۾ کولي، جنهن لاءِ هن

دوري تي آءِ ايل آءِ ايل او جو ڊئريڪٽر مسٽر مورءِ ۽ ٻيا مزدور اڳواڻ سنڌ جي وزير محنت جناب عباس باوزير سان سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪري رهيا آهن -

پلاٽ ڏيڻ جو به واعدو ڪيو آهي تہ جيئن فائونڈيشن اثرائتي نموني سان انساني خدمتون ڪري سگهي. سيد غوث علي شاهہ اها گهالهہ تڏهن ڪئي هئي جڏهن پاڻ ڪراچي ۾ فاطميد ايمرجنسي سينٽر جو افتتاح ڪيو هئائين. وڏي وزير جامع مسجد خيرپور لاءِ ۽ لک روپين جي گرانٽ به ترت ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي.

مڪاني ادارن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو ورتو ويو- غوث علي شاهہ

سنڌ جي وڏي وزير سيد علي شاهہ جي صدارت ۾ اڄ هڪ اعليٰ سطحي گڏجاڻي تي جنهن ۾ صوبي ۾ مڪاني ادارن جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. هن گڏجاڻيءَ ۾ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن واٽر ۽ سيوريج بورڊ جي مسئلن ۽ معاملن بابت غور ڪيو ويو. هنن شهري ادارن جي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ ڪيترن اپائن ڪي غور ڪرڻ ڪانپوءِ منظور ڪيو ويو. هن گڏجاڻيءَ ۾ صوبائي وزيرن اختر علي جي قاضي ۽ اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي.

سنڌ اندر ٻاهرين لڏپلاڻ کي روڪڻ لاءِ وفاقي حڪومت سان گهالهہ ٻولهہ ڪبي

سنڌ جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهہ چيو آهي تہ ٻين صوبن کان ماڻهن جي سنڌ اندر آمد کي روڪڻ لاءِ سنڌ حڪومت وفاقي سرڪار وٽ سوال اٺاريندي جيئن هن مسئلي جو خاطر خواهہ حل ڳولي سگهجي. ڪلهہ صبح سکر ريلوي اسٽيشن تي صحافين سان گهالهاڻيندي هن چيو تہ جيڪڏهن ماڻهن کي پنهنجن علائقن ۾ روزگار ميسر ٿي ملي تہ اهي پنهنجا گهر ڇڏي ڏيئي ڪنهن صوبي ڏانهن ڪونہ ايندا. بهرحال هن چيو تہ اسين سڀ پاڪستاني آهيون ۽ اسانکي علاقائي ۽ لساني نعري بلڪ ۾ نہ پوڻ کپي. ٿري عوام جي مسئلن بابت وڏي وزير چيو تہ سرڪار انهن کان آگاهہ آهي ۽ شهرن جي رهواسين وانگر ٿرين سان بہ هڪجهڙو ورتاءُ پنهنجو فرض سمجهي ٿي. هڪ سوال تي شاهہ صاحب چيو تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن اڳيان پيش ٿيل اميدوارن کي مقرري جا حڪم ترت ملي ويندا جڏهن تہ مختلف ڪاتن ۾ خالي جاين تي ۷۰ کان ۸۰ سيڪڙو مقررين تي چڪيون آهن ۽ باقي مقررين جلد ٿيندين ۽ ان کان سواهہ عدالتي ڪاتي ۾ خالي جاين تي بہ ترت مقررين ڪيون ٻيون وڃن. خيرپور مان نمائندي موجب سنڌ جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهہ چيو آهي تہ سرحد بلوچستان ۽ پنجاب جي ماڻهن تي سنڌ ۾ اچڻ

سنڌ جو پلاننگ ڊولپمينٽ ۽ ٽرانسپورٽ وارو وزير جناب جاويد سلطان جاپان وارو زينت کار پيٽس کلفٽن برانچ جو افتتاح ڪري رهيو آهي ـ

تي پابندي وجهڻ گهرجي ته جيئن سنڌ جي بيروزگار ماڻهن کي روزگار جا موقعا ميسر ٿي سگهن. اخبار وارن سان گهالهائيندي هن چيو ته مان هن راءِ جو آهيان ته ٽنهي صوبن جي ماڻهن کي پنهنجن صوبن ۾ روزگار جا موقعا فراهم ٿيڻ کپن. هن چيو ته هو هن ڏس ۾ وفاقي حڪومت سان گهالهائيندو. وڏي وزير هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته ڏکهي عرصي کان پوءِ هتي سياسي آزادي ملي آهي ٽنهنڪري اهو سياسي شعور هڪ فطري عمل آهي ۽ کيس پورو يقين آهي ته سياسي جماعتن مان ورهين جو اوپر نڪري ويندو ۽ حالتون پرسڪون ٿي ويندیون.

سچل سائين جي فڪر معاشري کي جمود کان بچايو- سچل جي عرس جي موقعي تي سيد غوث علي شاهه جو پيغام

سنڌ جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه عوام کي چيو آهي ته صوبي ۽ ملڪ جي خدمت ڪندي پختو عزم ڪن ته حضرت سچل سرمست جي فڪر جي پيروي ڪندا ۽ دهشت گردن، سمگلرن ۽ بدیءَ جي قوتن خلاف قانون جي بالادستي کي مڃيندا. حضرت سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي جاري ڪيل پيغام ۾ سنڌ جي وڏي وزير چيو ته اسان اتحاد ۽ آفاقيت جي علامت لاه خدا جي هيڪڙائي ۾ يقين رکون ٿا ۽ اهوئي رستو آهي. پيار واري اسلام جي نظرئي کي عمل ۾ آڻڻ جو. وڏي وزير چيو ته پاڪستان جي اسلامي فلاحي مملڪت جي استحڪام ۽ يڪجهتي لاه پاڻپي ۽ هم آهنگي نظرئي پاڪستان لاه حڪمت عملي جو سرچشمو آهي. شاهه صاحب چيو ته سچل سرمست جي پاڻي جي بزرگن ۽ ادبين معاشري کي جمود ۽ محرومي کان بچائڻ جو ڪم ڪيو آهي.

سنڌ ۾ زڪوات ورهائڻ لاءِ ڏهه ڪروڙ رپيا جاري

سنڌ جي ۴۷۸۵ مقامي زڪوات ڪميٽين کي چوڏهين ۽ پندرهين قسط طور مستحق ماڻهن ۾ ورهائڻ لاءِ ڏهه ڪروڙ ۹۴ لک رپيا جاري ڪيا ويا آهن. ان سلسلي ۾ ڪميٽي جي چيئرمينن کي واسطيدار بئنڪن سان رابطو قائم ڪرڻ گهرجي. اهڙو اظهار زڪوات ۽

دوري تي آيل اٺن ميمبرن واري چيني وفد جي سنڌ جي خوراڪ واري وزير سيد شوڪت حسين شاه سان ملاقات جي موقعي ورتل تصويرون -

عشر واري صوبائي سيڪريٽري آر- ايم- اسحاق حيدرآباد ۾ هڪ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ۾ ڪيو. هن چيو ته باقي انهن رهيل زڪوات ڪميٽين کي پڻ واجب الادا عشر جي وصولي ۽ وٺاڻن مستحق ماڻهن جي نالن پڇڻ کان پوءِ رقم جاري ڪئي ويندي. گڏجاڻيءَ ۾ ضلعيوار عشر جي وصوليءَ جو پڻ جائزو ورتو ويو. سيڪريٽريءَ اسٽيدار مختيارڪارن کي هدايت ڪئي ته اهي وصوليءَ ۾ تيزي آڻين ۽ مستحق ماڻهن جون فهرستون هڪ هفتي اندر موڪلين. هن ضلعي چيئرمينن ۽ مختيارڪارن کي اها به هدايت ڪئي ته هو زڪوات فنڊ جا تفصيل اسٽيدار ضلع ڪائونسلن کي موڪلينداً رهن. گڏجاڻي ۾ زڪوات ۽ عشر ڪميٽين جي آڊٽ رپورٽن جو به جائزو ورتو ويو.

جيڪب آباد جي ترقياتي رٽائن کي جلد مڪمل ڪيو وڃي

عوام ۾ سماجي پلائي جي عمل کي تيز ڪيو وڃي ۽ وزير اعظم جي پنج نڪاتي پروگرام هيٺ ضلعي جون سموريون ترقياتي رٽائون، جون جي پچاڙيءَ تائين مڪمل ڪيون وڃن. اهڙن خيالن جو اظهار پيلن ۽ سماجي پلائي واري صوبائي وزير مير سليم جان مزاري ڪشمور انسپيڪشن بنگلي ۾ عملدارن جي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڪيو. وزير چيو ته هو هن ضلعي جي مسئلن کي وڌ ۾ وڌ اهميت ڏئي ٿو. هن عملدارن تي زور ڀريو ته پٽني پيل علائقي جي ترقيءَ جي ڪمن کي جلد مڪمل ڪيو وڃي. وزير، جيڪب آباد ضلعي جي سماجي پلائي ڪاتي جي ڊائريڪٽر بيگم شيرين رحمت الله کي هدايت ڪئي ته ضلعي جي خالي جاين کي جلد ڀريو وڃي.

واهن واري آبپاشي سرشتي کي سڌاريو ويندو

آبپاشي ۽ بجلي واري صوبائي وزير پير صبغت الله شاهه راشدي چيو آهي ته موجوده حڪومت واهن جي آبپاشي نظام کي سڌارڻ لاءِ سموزا وسيلا استعمال ڪري رهي آهي، جيئن آبادگارن ۽ هارين کي وڌ ۾ وڌ فائدو ملي سگهي. سنڌ جي اندرين علائقن مان اينڊرڪيترن ٽي وفدن سان ڳالهائيندي هن انهن کي يقين ڏياريو ته بجلي جي فراهمي بنان رڪاوٽ جي جاري رهندي ۽ ۱۹۹۰ تائين ذري گهٽ سيني ڳوٺن کي بجلي ڏيڻ لاءِ رٽائون تيار ٿي رهيون آهن. وڏي تعداد ۾ ترقياتي رٽائون مڪمل ڪيون ويون آهن ۽ وڌيڪ رٽائن تي عملدرآمد ٿي رهيو آهي.

پهراڙين ۾ ڪارخانا لڳائيندڙن جي حڪومت مدد ڪندي

خوراڪ ۽ سماجي پلاڻي واري صوبائي وزير سيد شوڪت حسين شاهه چيو آهي ته ملڪي پيداوار وڌائڻ ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ موجوده حڪومت شهري توڙي پهراڙي وارن علائقن ۾ ننڍا ۽ وڏا ڪارخانا قائم ڪرڻ لاءِ صنعتڪارن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪندي. هن پنهنجي آفيس ۾ صنعتڪارن جي هڪ وفد سان ملاقات دوران چيو ته بيروزگاري جي خاتمي لاءِ حڪومت جون ڪوششون ان صورت ۾ ڪامياب ٿي سگهن ٿيون، جڏهن صنعتڪار انهيءَ جدوجهد ۾ پنهنجون بهترين صلاحيتون ڪتب آڻيندا. صوبائي وزير ٻڌايو ته حڪومت، سنڌ سمال انڊسٽريز جي سهڪار سان هر ضلعي ۾ صنعتي علائقا قائم ڪيا آهن، جنهنڪري هڪ طرف پهراڙيءَ جي علائقن مان شهرن ڏانهن لڏپلاڻ جي رجحان ۾ ڪمي ايندي ته ٻئي طرف پهراڙيءَ جي ماڻهن کي پنهنجن علائقن ۾ روزگار ملي سگهندو. سيد شوڪت حسين شاهه صنعتڪارن کي چيو ته هن سلسلي ۾ حڪومت جو هٿ ونڊائين ته جيئن بيروزگاريءَ جو مسئلو حل ڪري سگهجي. هن کين يقين ڏياريو ته صنعتن لڳائڻ جي سلسلي ۾ حڪومت ترجيحي بنيادن تي سندن هر ممڪن مدد ڪندي ۽ گهربل سهولتن مهيا ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر باقي نه ڇڏيندي. هن صنعتڪارن پاران بيان ڪيل مشڪلاتن کي همدرديءَ سان ٻڌو.

سنڌ جي سيڪريٽري اطلاعات جناب شاهجهان سيد ڪريم پاران مقامي هوٽل ۾ صحافين جي اعزاز ۾ ڏنل افطار پارٽي جي موقعي تي گروپ فوٽو -

تيندر گھرائڻ جي لاءِ نوٽس

انهن منظور ٿيل ٺيڪيدارن کان جـــــن روان سال جي لاءِ پاڻ کي لسٽ ۾ تجديد ڪرايو آهي۔
هيٺ ڏنل ڪمن جي لاءِ تيندر گھرائڻ ٿا۔

جريان نمبر	ڪم جو نالو	ڪتيل رقم (روپيا)	سوٽي رقم (روپيا)	مدت
۱-	آغا هاشم شاهه جاگير ۾ بنيادي صحت مرڪز جي تعمير			
	(۱) اندر ڊبليو/ايس ۽ ايس/ايف ۽ باهرين وائرسپلائي سان گڏ وگڏ اوور هيڊ ٽئنڪ جي فراهمي	= /۰۰۰ ,۹۵	= /۰۰ ,۹۰ ,۱	۲ مهينا
	(۲) باهرين ڊرينج جي فراهمي	= /۰۰۰ ,۶۰	= /۰۰ ,۲۰ ,۱	۱ مهينو
	(۳) اندرين باهرين اي-آئي جي فراهمي	= /۰۰۰ ,۵۵	= /۰۰ ,۱۰ ,۱	۲ مهينا
۲-	چارجا گير درگاه لونگ فقير ۾ بنيادي صحت مرڪز جي تعمير			
	(۱) اندرين ڊبليو/ايس ۽ ايس/ايف ۽ باهرين وائرسپلائي سان گڏ وگڏ اوور هيڊ ٽئنڪ جي تعمير	= /۰۰۰ ,۹۵	= /۰۰ ,۹۰ ,۱	۲ مهينا
	(۲) باهرين ڊرينج جي فراهمي	= /۰۰۰ ,۶۰	= /۰۰ ,۲۰ ,۱	۱ مهينو
	(۳) اندرين ۽ باهرين اي-آئي جي فراهمي	= /۰۰۰ ,۵۵	= /۰۰ ,۱۰ ,۱	۲ مهينا
۳-	بنيادي صحت مرڪز تندو نظر علي جي تعمير			
	(۱) اندرين ڊبليو/ايس ۽ ايس/ايف ۽ باهرين وائرسپلائي سان گڏ وگڏ اوور هيڊ ٽئنڪ جي تعمير	= /۰۰۰ ,۹۵	= /۰۰ ,۹۰ ,۱	۲ مهينا
	(۲) باهرين ڊرينج جي فراهمي	= /۰۰۰ ,۶۰	= /۰۰ ,۲۰ ,۱	۱ مهينو
	(۳) اندرين ۽ باهرين اي-آئي جي فراهمي	= /۰۰۰ ,۵۵	= /۰۰ ,۱۰ ,۱	۲ مهينا
۴-	اي تائپ رورل هيلٿ سينٽر هنگورجا جي تعمير			
	(۱) لائنز جي پلاٽن جي ترقي	= /۰۰۰ ,۷۵	= /۰۰ ,۵۰ ,۱	۱ مهينو
۵-	پير جو گوٺ ۾ انٽرميڊيٽ ڪاليج جو بنياد			
	(۱) پلنٿ پروٽيڪشن	= /۰۰۰ ,۵۰	= /۰۰۰ ,۱	۱ مهينو
۶-	خيرپور اناج گدام اي-او-آر ۽ ايس-آر هڪ ڪان پندرهين تائين-	= /۰۰۰ ,۳۵	= /۰۰ ,۷	۱- مهينو
	(۱) اپروچ روڊن جي تعمير			

سادا تيندر فارم متعلقه دستاويز آفيس مان کڻي ڪم ڪار جي ڏينهن ۱۲ جون ۱۹۸۷ ع تي وڳي تائين آرنيٽ مني، م جيڪا ڪال ڊپازٽ آرڊر وغيره جي صورت ۾ ڏيکاري حاصل ڪري سگھن ٿا۔ تيندر ۱۵- جون ۱۹۸۷ تي واپس ڏئي سگھجن ٿا سائيٽي ڏينهن ٺيڪيدارن يا انهن جي نمائندن جي سامهون هڪ بجي بنهرن جو ڪوليا ويندا۔ ڪانٽريڪٽ ڊاڪومينٽس ۾ ڪمڪرڻ جا شرط کڻي ڪم ڪار جي ڏينهن ڏسي سگھجن ٿا۔

ايگزيڪٽو انجنيئر
پراونشيل بلڊنگ ڊويزن
خيرپور

INF-KRY-3074

INSTITUTE OF ARCHAEOLOGY

ڪوٽيشن گھرائڻ جي لاءِ نوٽس

ايڇ - ڊي - اي مين بلڊنگ ۾ هن سان گڏوگڏ آفيسن ۾ بلڪل بهتر اپريشيل ڪوٽيشن ۾ ۲۵ لائنن جي انٽرڪام جي فراهمي ۽ انسٽاليشن جي لاءِ ڊيلرن کان سيل ٽيل پيشڪشون گھربل آهن - ڪوٽيشن ۷ جون ۱۹۸۷ع تائين وصول ٿيڻ گھرجن ۽ ساڳئي ڏينهن پنهرن سادي پارهين ۾ خواهشمند ڊيلرن پاڻ هن جي نمائندن جي سامهون کوليون ويندیون -

ڪوٽيشن جي رقم جو به سيڪرٽري بطور سوٽي جيڪا کنهن به شيڊولڊ بئنڪ جي حال ڊپازٽ جي شڪل ۾ ڊائريڪٽر جنرل ايڇ - ڊي - اي حيدرآباد جي نالي هجي ڪوٽيشن سان لڳل هجي - سيڪان گھٽ رقم جي پيشڪش ڊيڊ واري جي سوٽي انٽرڪام سسٽم جي تسلي بخش انسٽاليشن ۽ ٽيسٽنگ جي ٽن مهينن کان پوءِ واپس ڪئي ويندي -
انٽرڪام سسٽم جي انسٽاليشن جو ڪم پيشڪش جي منظور ٿيڻ کان ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پورو ڪرڻو پوندو -

ڪو به ٽيليفونڪ / ٽيليگرافڪ يا شرط رکيل ڪوٽيشن تي توجه نه ڏني ويندي -

مجاز اختياري ڪو به سبب ٻڌائڻ کانسواءِ ڪا به يا سموريون ڪوٽيشن کي ڪينسل ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي -

(صحيح) سيڪريٽري
حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي

INF / KRY - 3075

سنڌ جوگورنر جناب اشرف تابانيءَ سيوهڻ شريف ۾ اوقاف کاتي پاران غريب ۽ بيواهه عورتن ۾ ڪپڙا ورهائي رهيو آهي.

سنڌ جو وڏو وزير سيد غوث علي شاهه حضرت قلندر لال شهباز جي مزار تي دُعا گهري رهيو آهي ـ

صوبائي وزير ۽ صوبائي اسمبلي جا ميمبر سنڌ اسمبلي جي اجلاس ۾ گالهائي رهيا آهن ـ اجلاس جي صدارت اسپيڪر سيد مظفر حسين شاهه ڪري رهيو آهي ـ

MONTHLY 'PAIGHAM' KARACHI, MAY-1987. Regd. No. S-3096.